ڪلام:
ميان غلام علي مسرور فقير

بيدل نامو

ترتيب ۽ تحقيق:
بيدل مسرور

بيدل نامو

ڪلام

فقير غلام علي "مسرور" بدوي

صوفي القادري

شڪارپوري

ترتيب ۽ تحقيق:

بيدل مسرور بدوي

مسرور پبليڪيشن ڪراچي

سمورا حق واسطا محفوظ

کتاب جو نالو: **بيدل نامو**

ڪلام:	**فقير ميان غلام علي "مسرور" بدوي**
ترتيب ۽ تحقيق :	**بيدل مسرور بدوي**
ڇاپو پھريون :	**فيبروري 2000ع**
تعداد :	**هڪ هزار**
ڪمپوزنگ :	**ميڊيا ڪميونيڪيشن ڪراچي**
	امتياز علي انصاري
ٽائيٽل:	**راز ناٿن شاهي**
ڇپيندڙ :	**ذڪي پرنٽنگ پريس**
ڇپائيندڙ:	**مسرور پبليڪيشن ڪراچي**
قيمت :	30/ روپيا

لکپڙھ لاءِ:

بيدل مسرور

پوسٽ باڪس نمبر 17618 پوسٽ آفيس

گلشن اقبال ڪراچي سنڌ

فهرست

1) انتساب :

2) پبلشر پاران :

3) مهاڳ :

4) سوانح فقير غلام علي مسرور بدوي:

5) سوانح شهنشاه قادر بخش بيدل فقير :

6) مثنويون:

، حمد باري تعاليٰ - خاتم المرسلين - حضرت عشق - اسرار پنجتن

- اوصاف چار يار- سيدنا عبدالقادر جيلاني - سنڌ سڀاجهي

- حضرت قلندر لعل شهباز - حضرت قادر بخش بيدل فقير.

7) بيدل نامو:

8) مداحون :

- مداح ستگرو سائين جي سوڪڙي - مداح شهنشاه بيڪس سائين

- حافظ شيرازي - سائين نبي شاه وڳڻ - حاجي لطيف شاه جيلاني

- سائين منچر شاه بخاري - سائين امين شاه چشتي

- سائين ميران شاه.- سامي چئن راءِ - ڀڳت ڪنور رام سنت

- سنت ڪلهورام.

9) اردو ڪلام :






انتساب

مياں غلام علي "مسرور" فقير جي لائق فرزند،

شهنشاهہ بيدل سرڪار جي درگاه تي قبول پيل خاص خدمتگار،

پنهنجي مربي ۽ ڀاءُ ڀاڄهاري ۽ سڄاڻ صوفي

مرشد سائين احمد بخش بدوي عرف فقير سائين "مٺل مسرور"

۽ **فقير مسرور** جي انهيءَ ويڙهي جي نالي

جنهن لاءِ فقير پاڻ **شهنشاهہ بيدل سائين** کان دعا

گهرندي چيو هو:

مجازيءَ جي جُهلي جهولي ڪنان، امن و امان ڏيئي،

سدا "مسرور" جو ويڙهو رکو آباد اي بيدل.

بيدل مسرور بدوي

پبلشر پاران

بيدل نامو، اوهان جي هٿن ۾ آهي، اسان جو وعدو هو تہ اسان جو هيو ڪتاب ميان غلام علي مسرور فقير جي ڪلام (ڪليات) تي مبني هوندو پر جيئن تہ اهو مسرور پبليڪشن ڪراچي ۽ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد جي گڏيل سهڪار سان، فقير مسرور جي ورسيءَ تي انڪل مارچ 2000 جي وچ ڌاري شايع ٿي رهيو آهي، ان ڪري اسان هن ڀيري خاص طور حضرت قادر بخش بيدل رحمت الله عليھ جي عرس مبارڪ جي موقعي جي مناسبت سان فقير مسرور جي ان ڪلام جي چونڊ پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪو فقير مسرور، حضرت قادر بخش بيدل رحمت الله عليھ جي عقيدت ۾ چيو آهي.

بيدل نامي ۾ پيش ڪيل ڪلام جي چونڊ، انهي جي مختصر علمي مطالعي ۽ تصوف جي فڪر انگيز نقطن تي اهڙي جامع ۽ آسان انداز ۾ سمجهاڻ جو ڏکيو ڪم ڪري جناب بيدل مسرور اهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ هو صرف فڪشن رائيٽر، شاعر موسيقار يا راڳي ئي نہ آهي پر هو سٺو مضمون نگار بہ آهي تہ تصوف جي باريڪين کان بہ ڀلي ريت واقف آهي.

بيدل مسرور جي جاڙن ناولٽن، چاهتن جي ٿواتي تي ۽ آءُ لو يو جي پيار ڀري آجيان ڪرڻ ۽ انهيءَ جي خوبصورت موٽ ڏيڻ تي ادارو پڙهندڙن جو نهايت شڪر گذار آهي. انهيءَ سان گڏ اسان کي اها بہ اميد آهي تہ هيءَ ڪتاب "بيدل نامو" پڻ پڙهندڙن جي ذوق ۾ اضافو ڪندو. خاص ڪري تصوف سان تعلق رکندڙن کي هن ڪتاب مان تمام گهڻو لطف ۽ حظ حاصل ٿيندو.

سائرس مسرور بدوي
پارس مسرور بدوي

حق جو مظهر، عارف ڪامل، عشق جو مطرب، سچ ۽ سونهن جو مست، سئر سلوڪ جو سالڪ، صوفي القادري" ميان غلام علي مسرور فقير بدوي" شڪارپوري، مانجهي مٺيادار ۽ رندن جو راز دان هو. سندس شمار سنڌ جي انهن ناميارن صوفي بزرگ شاعرن ۾ ٿئي ٿو، جن عشق ۽ عرفان جون منزلون ماڻيون ۽ سرت وارن کي سوز ۽ سڪ جون سرڪيون پياريون.

تصوف جي دنيا ۾ سنڌ کي اعليٰ شرف حاصل آهي، جنهن جي هر شهر وسي واهڻ ۾ ذات الاهيءَ جا اهڙا لازوال اظهار ٿيا آهن، جن جي انوار سان ڪروڙين قلب قراريا آهن. جيئن ڏاڪٽي سنڌ ۾، قومي زندگيءَ جو شعور ڏيندڙ انساني احساس جو ترجمان، لوڪ ورثي ۽ تاريخ جو محافظ، پريت ۽ امن جو پيغمبر، شاعرن جو سرتاج" حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت" آهي، تيئن ورو وچولي سنڌ ۾ وسندڙ، ذات حق جي راز تان پردو پري ڪندڙ، عشق جي شينهن تي سواري ڪري، وحدت واري نينهن جي نوبت هڻندڙ سيوهاڻي سردار لاهوتي لعل حضرت قلندر شهباز عليه رحمت" آهي.

اهڙيءَ ريت اتر سنڌ ۾ سالڪن جي سرتاج، عشق جي اوتار"دولهه درازي سرڪار سچل سرمست عليه رحمت"،" بره جي باز فقير قادر بخش بيدل رحمت الله عليه" ۽ "جمال جي عاشق فقير محمد محسن بيڪس عليه رحمت" جهڙا بزرگ، عالم ۽ هستيءَ کي همت اوست ۾ گم ڪندڙ غازي شاعر ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي علم فضل، ڪلام ۽ پيغام جي ذريعي بنا ڪنهن مت ڀيد جي، ڪروڙين دلين کي محبت، هيڪڙائي، امن آشتيءَ جي فيض سان پرپور ڪيو آهي.

ساڳيءَ طرح شڪارپور شهر کي به وڏو مان ۽ مرتبو حاصل آهي جتي، ويدانت ۽ تصوف جي مهان شاعر، آتم گيان جي پنڊار" سامي چئن راءِ" صاحب ۽ نماڻين دلين جي غمخوار ۽ محبوب صوفي شاعر" ميان غلام علي مسرور فقير" صاحب جن به درشن ڏنو ۽ سنڌ جي سونهن ۽ سڳنڌ جي امر اهڃاڻن ۾ اضافو ڪيو.

"ميان غلام علي مسرور فقير" اهو محبتي شاعر آهي جنهن کي بره جي بار جي پاڪر ملي، سبحاني سئر جي سروپا ملي، شاعريءَ جو سلوڪ مليو ۽ نسنگ نينهن کي ڪڻائڻ لاءِ طرب مليو. ميان مسرور پنهنجو سمورو ڪلام انهيءَ محويت ۽ طرب واري ڪيفيت ۾ چيو آهي، جنهن ۾ پنهنجي مرشد راه هدايت شهنشاهه فقير بيدل ۽ درويشي دلين جي رهبر سرڪار سچل سرمست ۽ جمال جي عاشق فقير بيڪس وانگر ظاهر باطن جا اسرار ۽ جوش جلال جا ساڳيا سنهيا هو بهو آندا آهن.

جنهن جي ڪري هن بہ پنهنجي ساٿاري صوفي شاعرن جي قطار ۾ شامل ٿيڻ جو منصب ماڻيو آهي.

"فقير سائين مسرور" جو برڪت پريو نانءُ پنهنجي ڪلام ۽ نثري تصنيفن جي ڪري علم ادب جي فلڪ تي روشن آهي. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو اهو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن جي ڪلام ۾ نہ صرف ناسوت جا سٽ، باهوت جا راز، ذات الاهي جا اذڪار، ظاهر باطن جا اسرار ۽ منصوري موج مستي آهي پر سندس ڪلام ۾ زماني جي نت نون رنگن بدلائڻ تي تنقيد، اخلاق ۽ انسانيت جا درس ۽ ناصحاڻا نقطا بہ آهن. سندس ڪلام، سنڌي ٻوليءَ جو اهو شاهڪار آهي جنهن ۾ ٻوليءَ جي سلاست ۽ فصاحت سان گڏ ترنم، رواني ۽ محاورن جا ڀنڊار بہ آهن.

سنڌ جي هن روح پرور شاعر جي علمي ادبي ڪارنامن، زندگيءَ جي سبق آميز تجربن، ڪلام جي گهرائي ۽ حسن کي ڏسي ڪيترائي قدر شناس اڄ بہ ساڻس عقيدت جو اظهار ڪن ٿا. هيترا سال گذري وڃڻ جي باوجود اڄ بہ وڏي اڪير وچان سندس ورسيءَ تي ڪيئن محبتي مرد، ڏوران ڏوري اچي سندس مچايل محبت جي ميڙي کي وڏيڪ مچائيندا آهن. ساڳيءَ طرح هند ۾ بہ سندس ياد کي تازو رکڻ لاءِ منڊل محفلون ۽ ورسيون ملهايون وينديون آهن. ورسيءَ جي موقعن تي خاص طور فقير جو فرزند سائين احمد بخش بلوي عرف مرشد منڊل مسرور، فقيرن جي ٽولي سان سرگس ڪري ڳائيندي مزار تي چادر چاڙهڻ ويندو آهي خيرات ڪرائيندو آهي ۽ راڳ ڪلام جي محفل ۽ ادبي نشست يا مشاعري جو اهتمام بہ ڪندو آهي.

عام طور عرس جي مناسبت سان فقير مسرور يا شهنشاهہ بيدل سائينءَ جي سوانح ۽ ڪلام تي تحقيقي ۽ معلوماتي مقالا پڙهيا ته هميشہ ٿي آهن يا مختلف رسالن يا اخبارن ۾ مضمون ۽ ليک بہ شايع ٿيندا رهندا آهن مگر هن ڀيري هي هڪ خصوصي مقالو "بيدل نامو" ترتيب ڏئي، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو هڪ خاص مقصد هي آهي تہ فيبروري 2000 جي وچ ڌاري سرڪار بيدل بادشاهہ جو عرس مبارڪ ٿي رهيو آهي تہ هڪ مهيني کان پوءِ يعني مارچ 2000 جي وچ ڌاري فقير سائين مسرور جو عرس بہ منعقد ٿي رهيو آهي، اهڙي مبارڪ ۽ ڀاڳيري موقعي تي فقير مسرور جي چيل هن چوند ڪلام جو شايع ڪرڻ منهنجي لاءِ اعزاز کان گهٽ نہ آهي.

هونئن تہ فقير صاحبن جو تمام گهڻو ڪلام پنهنجي پير مغان شهنشاهہ فقير بيدل سرڪار جي عشق، محويت ۽ طرب ۾ چيل آهي پر مون هت خاص طور انهيءَ ڪلام جي چوند آندي آهي جا، شهنشاهہ فقير بيدل سائين جي پاڪ نام سان منسوب آهي، جنهن مان نہ صرف شهنشاهہ فقير بيدل بادشاهہ جي فيض جي پالوٽ جو پتوپوي ٿو پر خود فقير مسرور جو صوفياڻيو مسلڪ ۽ سندس منزل ۽ درجات بہ

نظر اچن ٿا. جنهن ۾ سلوڪ جي طئي ڪيل منزلن جا منظر بہ آهن تہ توحيد ۽ صفات جا سٽر بہ آهن، عجز ۽ عاجزيءَ جا انواع بہ آهن تہ رنديءَ جارنگ ۽ دمزنيءَ جا دستاويز بہ آهن.

بيدل نامي جي عنوان هيٺ سينگاريل هن سوکڙيءَ ۾ فقير مسرور جي لکيل هڪ خوبصورت مداح، "ستگرو سائينءَ جي سوکڙي" بہ شامل ڪئي وئي آهي. فقير سائينءَ، هيءَ مداح پنهنجي مرشد راهہ حقيقت شهنشاهہ بيدل سرڪار جي در تي ڪميا لاءِ باڏائيندي چئي آهي.

فقير مسرور جي لکيل "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" جي مقبوليت سان گڏ پنهنجي دور ۾ هن مداح بہ وڏي شهرت حاصل ڪئي هئي، نہ صرف شهنشاهہ بيدل سائين جي مريدن خادمن ۾ پر مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ بہ هيءَ مداح وڏي عقيدت وچان پڙهي ويندي هئي.

صوفي ساجاهہ رکندڙ عقيدتمند هندن تہ هن مداح کي ڪيترائي ڀيرا پاڪيٽ سائيز ۾ بہ شايع ڪرايو هو، جن مان اسان کي بہ ڇاپا، 1940 ۽ 1941 جا هٿ آيا آهن. اهي ٻئي ڇاپا موتي رام گرڌاري داس، موتي پرنٽنگ پريس(لکي در اندران) شڪارپور مان شايع ڪرايا هئا.

آنجهاني پروفيسر جهامنداس ڀائيہ چواڻيءَ، " فقير مسرور کي مسلمان تہ ولي مڃيندا هئا پر هندن ۾ بہ هن جي وڏي مڃوتي هوندي هئي." انهيءَ جو ثبوت ان مان بہ ملي ٿو تہ 1981ع ڌاري شري ڪنيا لال عينشي رام اچپليا، پيتامبرداس سهجرام، ڪوناري پرنٽنگ ورڪس سمباوي چيمبرس، سرپي، مهتا روڊ فورٽ بمبئيءَ مان بہ هي مداح شايع ڪرائي آهي. جنهن جي مهڙ ۾ " يادگيري پتر" جي عنوان هيٺ وضاحت جا ٻہ اکر بہ لکيا اٿس:

"هي ننڍڙو پستڪ "مداح ستگرو" سائينءَ جي سوکڙي، سچي سڪ ۽ شرڌا سان پنهنجي سرڳواسڻ ڌرمپتني تلسي ٻائيءَ جي پوتر ياد ۾ ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. سرڳواسڻ جو ستگرو سائينءَ جي مداح ۾ اٽوٽ وشواس ۽ سچو نشچو هو. اميد ٿو ڪريان تہ سڀ ڀائر ۽ ڀينر هي امولڪ ماڻڪ موتي پستڪ پڙهي، ان جي اپار جي مهما جو مزو وٺندا. شل ستگرو سائينءَ جي مهر سان سيني پريمين مٿان هردم قائم رهي."

هن مداح جي مقبوليت ۽ شهرت جا ٻيا بہ ڪيترائي سبب آهن، مثال طور هڪ تہ "فقير مسرور" جي هيءَ مداح سموري انساني جيوت جي رهنمائيءَ لاءِ، دل جي اٿاهہ گهرائين وچان گهريل دعا آهي. جنهن ۾ آخر جي تڪليفن ۽ ڇوٽڪاري لاءِ بي اختيار اکين ۾ آيل آنسوئن واريون التجائون آهن، زماني جي ڪوڙ، ڪروڌ ۽ پاپ کان پاسي رکڻ جون وينتيون ڪيل آهن، جوانيءَ جي عمر ۾ ڪيل لاپرواهين ۽

غفلت ۾ گذاريل زندگيءَ ۽ غلطين جي معافيءَ لاءِ ٻاڏايو آهي، پنهنجي انساني جامي ۾ رهي، هن دنيا جي ڏکن ڏاکڙن کان بچڻ لاءِ ، ۽ شيطاني ڪمن خلاف جنگ جوٽڻ جي همت ۽ مظلوم غريب ۽ اٻوجهه مخلوق جي سک لاءِ دعائون گهريون آهن.

پيو سبب هي بہ آهي تہ جيئن تہ انسان، قدرت ۽ الله پاڪ ذوالجلال جي حڪمت اڳيان بلڪل بيوس آهي، عقل ۾ ناقص آهي ۽ علم هوندي بہ محدود آهي، انهيءَ خيال سبب هن مداح ۾ جيڪي نقطا سمايل آهن اهي عام ماڻهوءَ جي من کي شانت ڪرڻ ۽ ذهن جي اطمينان لاءِ انتهائي فائدي وارا آهن.

ٽيون سبب هن مداح جي مقبوليت ۽ شهرت جو اهو آهي تہ هن مداح ۾ سنڌيءَ سان گڏ هندي ۽ سنسڪرت زبانن جو امتزاج اهڙي تہ عمدگيءَ سان ٺيل آهي جو سنڌي هندن لاءِ روز مره جي ٻوليءَ واري صورت ۾ سمجهڻ، نهايت آسان آهي.

تصوف مطابق، هندو، مومن، گبر، يهودي يا سک ۽ عيسائي هڪ ئي ذات جي وحدت جا بيک آهن ۽ وحدت ڪثرت جي انهيءَ بنيادي نقطي سبب هر مذهب ۽ ملت جو ماڻهو صوفيءَ جي ساڃاهہ، اخلاق ۽ عمل مان فيض حاصل ڪري ٿو. هيءَ مداح، ستگرو سائين جي سوکڙي، سنڌي ادب ۽ ديس واسين جي لاءِ هڪ انمول سوکڙي آهي جيڪا فارسيءَ جي ٽيهہ اکري وانگر اوائلي سنڌيءَ (ديو ناگري لپيءَ) تحت، الف، ب جي حرفن تي اٽڪل 36 بندن تي مشتمل آهي.

هيءَ مداح گهاڙيٽي جي لحاظ کان بہ نهايت خوبصورت آهي جيڪا ظاهر تہ مخمس جي صنف ۾ يعني پنجن مصراعن تي ٻڌل آهي، هن جو هر بند مثلث وانگر ٽن هم قافيہ مصراعن تي ٻڌل آهي، جنهن جي وراڻيءَ واري مصراع مطلع جي مثنيٰ بند سان هم قافيي آهي. ڇاڪاڻ تہ مطلع پڻ مثنيٰ جي صنف تي يعني ٻن هم قافيہ مصراعن تي ٻڌل آهي. اهڙيءَ طرح بند جي مثلث ۾ وراڻيءَ سان مطلعٰ جي پهرين مصراع ٻڌل آهي. انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ "فقير مسرور" جي هيءَ مداح مخمس جو بہ هڪ نئون ۽ عمدو مثال آهي.

مطلع (مثنيٰ بند):

ست گرو گرديو داتا، شاه مون شرڌا پڇاءِ،
ڪو يلاٽي پال پنهنجو داد ڪر درسن پساءِ.

مثلث بند:

جا جياري دل مٿي منهنجي ڏيو جپ نام جو،
جٿن جپي جگديس کي، ساکي ٿيان سترام جو،
جڏ ڪري ارجن جيان، اپڪار ڪريان عام جو،

وراڻيءَ جو بند:

نانءَ جس جڳ ۾ رهي جئن جوت ڪا اهڙي جڳاءِ،
ست گرو گرديو داتا شاه مون شرڌا پڇاءِ.

ستگرو سائينءَ جي سوڪڙيءَ ۾ ٻوليءَ جي سونهن ۽ رواني، خيال جي اڏام، غورءَ فڪر جا املهه ماڻڪ پوپل آهن ۽ سٽ سٽ ۾ تجنيس ۽ لفظ لفظ ۾ معنويت جي کاڻ موجود آهي.

هن سموري مداح ۾ "فقير مسرور". تجنيس حرفي جي حسن ۽ حرمت کي اهڙي تہ پاڪائيءَ سان برقرار رکيو آهي جو انهن اکرن جي صوتي آهنگ مان ڪنهن جهرڻي جهڙي رواني ۽ مسلسل گونج ٻڌڻ ۾ ٿي اچي.

۽ سندس ڪلام ۾ جيڪا لئي يا وزن آهي. انهيءَ جو اهڙو تہ ڪمال آهي جو پڙهڻ سان لفظن جي ادائگيءَ ۾ هڪ فطري جهولو (لوڏ) بہ پيدا ٿيندي نظر اچي، مثال طور:

پا: پيالو پريم رس جو پُر ڪري، پرتئون پيار،
قرب ڪر ڪوئي، ڪلنگي ڏر، مون کي ماري جيار،
پٽ اتان واري ڪٿي تون سيج سڪپت تي ويهار،
پاند منهنجو پر تون پريو، ٻي جي در تي نا پناءِ،
ست گرو گرديو داتا شاه مون شرڌا پڇاءِ.

هن سوڪڙيءَ ۾ سنڌي، هندي ۽ سنسڪرت زبانن جا انتهائي بي بها موتي مڙهيل آهن، جديد دور ۾ يقينن انهن لفظن جي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي ان ڪري مون خاص ڏکين لفظن جي معنيٰ بہ ڏني آهي تہ جيئن جديد دور جا اديب شاعر بہ "فقير مسرور" جي هن ڪلام مان لطف ماڻي سگهن.

فقير مسرور جي محبت ۽ صحبت جو سلسلو ٻين عاشقن ۽ سالڪن سان بہ تمام وڏي عقيدت وارو هو، انهيءَ ڳالهہ کي خيال ۾ رکي، عقيدت ۽ احترام سان پيش ڪيل هن سدا بهار سوڪڙي "بيدل نامي" جي مهڙ ۾ فقيرمسرور جو مثنويءَ جي صنف ۾ چيل ڪجهہ اهو ڪلام بہ شامل ڪيو ويو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي منظوم تصنيف" مثنوي هير رانجهو" جي مهڙ ۾ ترتيب ڏنو آهي.

ساڳي ئي خيال کان " بيدل نامي" جي آخر ۾ اسان فقير مسرور جو اهو محبت سان واسيل ڪلام بہ شامل ڪري رهيا آهيون جيڪو پاڻ شڪارپور جي ڪجهہ بزرگن، ولين ۽ درويشن جهڙوڪ: امين شاه چشتي، حاجي لطيف شاه، منوچهر شاه بمعروف منڇر شاه بخاري، ميران محمد شاه بمعروف ميرڻ شاه، چئن راءِ سامي، ڀڳت ڪنور رام سنت ۽ سنت ڪلهو رام ۽ رتيديري جي بزرگ نبي شاه وڳڻ ۽ ملڪ شيراز جي وڏي شاعر حافظ شيرازيءَ جي عقيدت ۾ لکيو آهي.

جهڙيءَ طرح شهنشاهه فقير بيدل سائين، دولهه درازي سرڪار سچل سرمست رحمت الله عليهه جي الاهي اسرارن ۽ مرشد ڪامل طريقِ احمدي حضرت شاهه خير الدين شاهه بادشاهه جي تنوير ڪمالات جو ڇهڇٽو پسيو. تيئن فقير مسرور به فنا في الشيخ ٿي، پنهنجي پير مغان جي فرزند فقير بيڪس سائينءَ کي به شهنشاهه بيدل بادشاهه جي شمع حسن تيءَ پرواني مثل قربان ٿيندي ۽ سندس اسم کي به عرش فرش تي اظهاريندي ڏٺو ته بيڪس سائين لاءِ به بي اختيار سندس دل مدح خواني ڪئي هئي:

تـــون صـــاحب ســـباجهو آهيـــن ســـردار صوفـــي،
ســـچو رنـــد رهبـــر منهنـــدار صوفـــي.

عقيدت جي هن گلدستي ۾ "فقير مسرور" جي چيل اها مداح "مداح بيڪس سائين" به شامل ڪئي وئي آهي. اميد آهي ته تصوف ۽ علم ادب جو ذوق رکندڙ پيار ۽ عقيدت واري هن ڪوشش کي دل سان ضرور لائيندا.

هن ڏس ۾ مان خاص طور پنهنجي مربي پاءُ سائين احمد بخش بدوي عرف مرشد مثل مسرور سائين ۽ سائين مشتاق علي سومري صاحب جو نهايت ٿورائتو آهيان. جنهن فقير مسرور سائينءَ جي ڪلام جي درست پڙهڻي مقرر ڪرڻ ۽ تصوف جي باريڪ نقطن کي سمجهڻ ۾ منهنجي وڏي مدد ڪئي.

خادم

بيدل مسروربدوي.

فقير ميان غلام علي مسرور بدوي

مختصر سوانحي خاڪو

پيدائش:

سنڌ جو هي معروف صوفي شاعر، 1 جولاءِ 1894ع /26 ذوالحج 1311 هجري تي شهر شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو مخدومي ميان" رحيم بخش بلوي" المعروف"ماستر" هو.

تعليم ۽ تربيت:

سندس تعليم جي ابتدا پنهنجي شفيق والد جي نگرانيءَ هيٺ ٿي، 1901ع کان قاضي محلا شڪارپور ۾ پڙهڻ شروع ڪيائين. 1910ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. جنهن بعد ٻه سال ٽپيداري اسڪول حيدرآباد ۾ ٽريننگ ورتائين.

ملازمت:

1912ع ڌاري ٽپيداريءَ جي نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. ملازمت دوران نوابشاهه، نوشهروفيروز، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ ميرپورخاص جي مختلف ٽپن تي رهيو. 1928ع ۾ ڪيس ترقي ملي ۽ پاڻ بئراج مختيارڪار وٽ سپروائيزنگ ٽپيدار مقرر ٿيو. 1936ع ڌاري سندس بدلي لاڙڪاڻي ٿي ۽ اتان ئي پاڻ 1945ع ۾ رٽاير ڪيائين.

شادي:

عزيزن جي حڪم تي 1927ع ۾ شادي ڪيائين. ڪيس ڇهه پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون. سندس پٽن جا نالا هن ريت آهن: غلام دستگير (ننڍپڻ ۾ گذاري ويو)، رحيم بخش بدوي، احمد بخش بدوي عرف منٺل مسرور، لعل بخش (نوجوانيءَ ۾ گذاري ويو) ميران بخش بدوي ۽ بيدل بخش عرف بيدل مسرور بدوي.

ذوق شوق:

سرڪاري نوڪريءَ ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجو باقي وقت سنڌ جي بزرگن، اوليائن ۽ فقيرن جون چونڪيون ڏيڻ، انهن جو ڪلام گڏ ڪرڻ ۽ ڳائڻ، دوستن عزيزن سان ميل ملاقاتون ڪرڻ ۽ غريبن غمزدن جي غمواري ڪرڻ پنهنجي مرشد راهه هدايت شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل جي درگاه تي روهڙي وڃي حاضري ڏيڻ دولهه درازي سرڪار عبدالوهاب سچل سرمست جي چونڪي يا حضرت عثمان مروندي قلندر لعل شهباز جي ڌمال لاءِ سيوهڻ. توڙي سنڌ جي سرتاج پٽ ڌڻي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دربار جو سلام ڪرڻ، تـه ڪڏهن شاهه عنايت

جهوڪ جي اڱڻ تي عشق ڪڏائڻ ۽ ڪڏهن ڪنڊڙيءَ جي بزرگن سان ملاقاتون سندس زندگيءَ جو مسلڪ هو.

فقيري فيض:

ظاهري طور 1908ع ڌاري جڏهن پاڻ اجا پندرهن سالن جو هو، ۽ شهنشاهه فقير بيدل سائين جي درگاهه تان ڪيس باطني فيض مليو. جنهن لاءِ پنهنجي ڪيترين ڪافين ۾ ذڪر ڪيو اٿس.

شخصيت:

فقير سائين نهايت سهڻو، ڪلمڪ ۽ هر دلعزيز هوندو هو. سندس سريلي ۽ مٺڙي آواز، ستار وڄائڻ، يڪتاري تي درويشن جا سنگ پڙهڻ لاءِ ته هر ڪو سندس ساٿي ٿيڻ لاءِ آتو هوندو هو. پر سندس فڪر انگيز ڳالهين، سدائين مرڪندڙ مک ۽ پروقار هلڻيءَ تي به مٿس هزارين موهت هوندا هئا.

همعصر ۽ مداح:

فقير سائينءَ جي پيارن، دوستن ۽ ڪيس چاهڻ وارن جو ڳاڻاٽو انتهائي مشڪل آهي، پر علم ادب ۽ فن جي ميدان جون ڪجهه اهم شخصيتون جيڪي پنهنجي وطن ۽ ويڙهيچن لاءِ ووڙيندا هئا. تن مان فقير سائينءَ کي چاهڻ وارا ڪجهه هي آهن:

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر علامه محمد عمر بن دائود پوٽو، محمد هاشم مخلص، محمد بخش واصف، حاجي محمد صديق ميمڻ، رئيس ضياالدين بلبل، چيتنمل پرسرام، ڪشچند بيوس، حاجي امام بخش خادم، حاجي محمود خادم، نواز علي نياز، عثمان علي انصاري، علي نواز علوي، سردار محمد بخش ڪوجهي، آغا صوفي، ڪيئلداس فاني، بولچند راجپال، پروفيسر ڦيرواڻي، مولابخش مسڪين پنو، پروفيسر جهامنداس ڀاٽيا، لطف الله بدوي، احسان بدوي، شيخ اياز، شفيع احمد اوج علوي، لعل محمد لعل، خواب حيدرآبادي، فقير عبدالوهاب ناظم، عبدالفتاح عبدعاقلي، ميان غلام عباس قادري، علي گوهر يڪتا، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، شاهنواز عارف، پروفيسر رام پنجواڻي، غلام محمد گرامي، غلام احمد نظامي ۽ پرسرام ضيا.

فنڪارن مان:

ماستر چندر، ڀڳت ڪنور رام سنت، ڀائي چيلو، گلشن صوفي، مائي الله رکي، جيوٽي بائي، قدرت الله خان، سينڌو خان، الله ڏنو نوناري، حافظ احمد گويو ۽ استاد محمد حسن ستار نواز.

فقيرن مان:

محمد فقير کٿياڻ، هولارام پورن ناس وارو، فقير هدايت علي تارڪ نجفي، فقير غملل، فقير سائين بيدل جو صحبتي فقير الله اوباهي شاه، نصير فقير جلالاڻي، ميرل فقير هنباه وارو، سائين انور شاه جهانپور وارو، شائق فقير عمراڻي جيڪب آباد وارو، فقير قلندر بخش هيسباڻي ڪنڊياري وارو، پرسرام جوڳي بمبئيءَ وارو، ڪنيا لال اڇپليا، سانوڻ مل ٽپيدار گهوٽڪيءَ وارو، رگهومل پنجابي بمبئيءَ وارو فقير اميد علي خواجائي، منشي صدرالدين، نور احمد پني مختيارڪار، گورڌن داس ٽپيدار روهڙيءَ وارو سندس پيارن ۾ شامل هئا.

شاعري:

فقير سائينءَ جي طبيعت نهايت موزون هوندي هئي، علم موسيقيءَ جي ڄاڻ سبب ۽ فقيري رمز جي اظهار لاءِ سدائين طرب جي حالت ۾ رهندو هو. سندس والد بہ منجهس اهڙين لاروال ڪيفيتن کي ڏسي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏنو هو، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ چوڏهن سالن ۾ علم عروض ۽ موسيقي ۽ صنايع بدايع ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي هئائين، ان سبب سرائڪيءَ ۾ سي حرفيون ۽ فارسي ڪلام بہ چوڻ لڳو. فقير سائين بنيادي طور" ڪافي" جو وڏو شاعر هو، پر علمي ادبي ڄاڻ سبب ۽ عروضي دور جي تقاضائن سبب سندس ڪافين ۾ خيال، فڪر ۽ موضوع سان گڏ عروضي خوبيون بہ آهن، پاڻ بيت، مولود ۽ ڪافين سان گڏ مسدس، مخمس، مرثيو، مثمن، مثلث، مربع، مستزاد، معشر ۽ مثنوي جي صنفن ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس سموري ڪلام جو محور عشق، امن، درد، هيڪڙائي، نفي ۽ اثبات جي سڳنڌ پکيڙيندڙ آهي. پاڻ سنڌي، اردو، هندي، سرائڪي، فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪلام چيو اٿس.

تصنيفون:

فقير سائين سنڌيءَ ۾ اٽڪل 13 طويل مسدس لکيا آهن، جيڪي گهڻو ڪري تصوف جي تقطن کي عيان ڪرڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. سندس ڇپيون تصنيفون هن ريت آهن :

1 . اسرار حسيني جيڪو 261 بندن تي مشتعمل آهي اجا اڻڇپيل ۽ اڻڇپيل آهي.

2 . فقير سائينءَ جو"مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" 1914ع ڌاري شايع ٿيو. جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون طبعزاد ۽ طويل(97 بندن تي مشتمل) مسدس آهي. اهو ڪيترو عر صو سنڌ يونيورسٽي ۾ انٽر ۽ بي اي جي نصاب تي رکيل هو.

3. مداح ستگرو سائينءَ جي سوکڙي. (هندي الف ب وار ڇيل 36 بندن تي مشتمل مخمس، ڪيترائي دفعا شايع ٿيل)

4. مجازي معشوق: (مسدس صنعت سوال جواب)
5. ڪنبڙيءَ جا ڪلتار (قلمي)
6. بيدل جو سنڌي ڪلام: (شايع ٿيل ،آزاد بوڪ ڊيپو جيڪب آباد مؤلف بولچند راجپال)
7. راڳ جي شرعي حيثيت: (شايع ٿيل ماهوار پيغام ڪراچي مئي جون 1981)
8. واچوڙو مل: (ناٽڪ: شايع ٿيل ادب محل شڪارپور)
9. مثنوي هير رانجهو: (اڻڇپيل ٽن پاڱن ۽ 2379 شعرن تي مشتمل)
10. پريم ساگر: (اردو ۽ هندي ڪلام)
11. حسن ازل : (حمديه ۽ نعتيه ڪلام)
12. قلقل عندليب: (فارسي ڪلام)
13. قيامت نامو: (نثر اڻڇپيل)
14. رهنمائي موسيقي: (اڻڇپيل)
15. من جي مستي: اڻڇپيل)
16.سلطاني سهاڳ: (اڻڇپيل)
17. دشمن: (اڻڇپيل)
18. مسرور نامو: (الف ب وار اٽڪل 90 چوندڊ ڪافين جو ديوان. اڻڇپيل)
19. ڪانگل نامو: (ڇپيل سنڌ حيدرآباد مئي 1992ع)
20. مڪتوبات مسرور: (اڻڇپيل)
21. بيدل جا فارسي رسالا: (اڻڇپيل:مرحوم لطف الله بلوي جي ڪتب خاني ۾)
22. صديق فقير سومري جو ڪلام: (اڻڇپيل: مرحوم لطف الله بلوي جي ڪتب خاني ۾)
23. فقير واليڏني جو ڪلام: (قلمي)
24. ڪليات مسرور: (سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۽ مسرور پبليڪيشن ڪراچي جي گڏيل سهڪار سان جلد شايع ٿي رهيو آهي.

وصال:

"فقير سائين مسرور" پنهنجي سموري زندگي فقيريءَ ۾ گذاري ۽ پاڻ دنيا وارن جي ذميوارين کي پوري ڪرڻ ۾ سک پاتائين. سرڪاري نوڪريءَ تان رٽاير ڪرڻ جي باوجود بہ خانگي نوڪريون ڪري پنهنجي گهرو ذميوارين سان منهن ڏنائين. آخر ۾ سردار محمد بخش ڪوجهيءَ جي زمين سنڀالڻ لاءِ ٺنڊي آدم وڃي رهيو. جتي تاريخ 19 آگسٽ 1953ع /8 ذوالحج جي رات جو پنهنجي، حقيقي محبوب جي دعوت قبول ڪندي هن ديهہ مان پرواز ڪيائين. وصال وقت "فقير مسرور" جي ڄمار شهنشاهہ بيدل سائين جيان 59 سال هئي.

سنڌ ۾ 8 ذوالحج تي هر سال "فقير مسرور" جي عشق اوتاري تي سنڌس لائق ۽ جاءِ نشين فقير فرزند سائين مٺل مسرور سائين ميڙاکو مچائيندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جا ڪيترائي صوفي، فقير ۽ اولياءَ اچي شرڪت ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح هندستان ۾ فقير سائين مسرور جي ورسيءَ 19 آگسٽ تي ملهائي ويندي آهي.





شهنشاهه فقير بيدل سائين جي دستخط ۽ مهر مبارڪ جو عڪس



شهنشاهه فقير بيدل سائينءَ جي تحرير جو عڪس

فقير قادر بخش بيدل بادشاه

مختصر سوانحي خاڪو

سنڌ جو ڪهڙو شخص آهي جيڪو شهنشاهه بيدل سرڪار جي پاڪ نالي ڪان واقف نہ آهي. سالن کان وني هن درويش فقير جي علميت، فڪر ۽ ولايت کان سنڌ جو ٻچو ٻچو واقف آهي. سندس تعريف ڪرڻ سج کي ڏيئو ڏيکارڻ برابر آهي.

پيدائش:

سنڌ جو هي جيد عالم، سنڌي، سرائڪي ۽ فارسيءَ جو وڏو صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل رحمت الله عليهہ سن 1815 عيسوي مطابق 1231 هجريءَ ۾ فقير محمد محسن قريشيءَ جي گهر، روهڙي پاڪ ۾ پيدا ٿيو.

تعليم تربيت:

شهنشاه بيدل سائين ٻارهن سالن جي عمر تائين مڪتب ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي.

اولاد:

شهنشاه فقير بيدل سائين ٻہ شاديون ڪيون. پهرين گهر مان هڪ نياڻي ۽ ٻئي گهر مان ڪيس ٽي فرزند ٿيا جن مان فقير محمد محسن بيڪس سنڌيءَ جو وڏو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

تصنيف ۽ تاليف:

شهنشاهہ بيدل سائين پنهنجي پوري حياتيءَ ۾ تصوف جي مختلف موضوعن تي نظم ۽ نثر جا اڻکل ٽيهہ کن ڪتاب عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيا آهن.

نظم

1. مثنوي رياض الفقر. 2. ديوان سلوڪ الطالبين. 3. رموز القادري. 4. مثنوي نهرالبحر. 5. ديوان مصباح الطريقت. 6. ديوان منهاج الحقيقت. 7. سرود نامہ. 8. ڪرسي نامہ. 9. وحدت نامہ. 10. مثنوي دلڪشا. 11. وحدت نامہ (اردو).
12. غزليات هندي. 13. فرائض صوفيہ. 14. ديوان بيدل (فارسي). 15. قصہ هير رانجها. 16. قصہ ليلا مجنون. 17. ظهور نامہ. 18. تاريخهائي وفات. 19. سندالموحدين 20. رموز العارفين 21. متفرق ڪلام.

نثر

1.پنج گنج . 2.فوائد معنوي(عربي نثر) . 3.تقويت القلوب في تذڪره المحبوب(فارسي سنڌي نثر) . 4.في بطن احاديث(عربي ۽ فارسي نثر) . 5.قرت العينين في مناقب السبطين(فارسي نثر ۽ نظم) . 6. انشاء قادري(فارسي نثر) . 7.تاريخ سنڌ. 8. خطبات جمع ۽ وصيعت نامہ. 9. عقائد.

وصال

شهنشاھ بيدل سرڪار 59 سالن جي عمر ۾ 16 ذوالقعد 1289 هجري مطابق 15 جنوري 1873ع ۾ وصال ڪيو. سندس مزار مبارڪ روهڙي پاڪ ۾ اسٽيشن جي پرسان، ريلوي لائين لڳ آهي. جتي هر سال ٿي ڏينهن سندس عرس ٿيندو آهي، جنهن ۾ هند سنڌ جا هزارين عقيدتمند ۽ محبتي فقير شامل ٿيندا آهن.



شهنشاھ فقير بيدل سائين جو آخرين آرمگاھ ٻاهريون منظر

حمد باري تعاليٰ

قادرا تنهنجي وڏائيءَ جو وڏو آهي بيان،
وصف تنهنجي آ سڄي اي مالڪ - ڪون و مڪان(1).

ڇا ثنا لکي سگهي عاجز نماڻو ناتوان(2)،
امر تنهنجي ساڻ بيٺو، بي ستون (3) هي آسمان.

پڻ مٿان پاڻي وڇايو فرش هي زينت نشان،
حڪم هر جا آهه تنهنجو ڇا مڪان ڇا لامڪان.

تون ڏڻي رازق سڄي جڳ جو حقيقي مهربان،
هڪ اشاري ساڻ تنهنجي ٿي ويو جملي جهان.

جا بجا موجود تون معبود (4) واحد بي گمان،
لم يلد(5) بي مثل تون مالڪ مٺو صاحب سبحان.

---

(1) ڪون و مڪان= دنيا جهان. جڳ جنسار. (2) ناتوان=هيڻو. (3) ستون=ٿنيا، ٿوڻيون. (4) معبود=جنهن جي عبادت ڪئي وڃي. (5) لم يلد=نه هن جي اولاد آهي (قرآن پاڪ جي سورة الاخلاص)

خاتم المرسلين الصلوات وسلام

سڀ صفت آشاه جي، جنهن لاءِ جڳ ڏاجو ٿيو،
پوش انساني ڍڪي، هر عيب کان آجو ٿيو.

جاءِ جو جاروب ڪش(1)، جبريل خادم خاڪسار،
در مٿس دربان موسيٰ ۽ سليمان چوبدار(2).

عرش تي آڻائيو، ان کي ڏٺي دعوت ڏئي،
مهر پنهنجي ساڻ هيئن، ان جي وڏي عزت ڪئي.

سڀ پرين سهڻو سين کان مير مرسل ڄام آ،
حسن ان جي جو جزو، يوسف مٿان انعام آ.

شرع (3) ۾ سو عبد آهي، پر احد با فڪر، صاف،
اسم احمد ۾ ٿيو هي، ميم آ حرف - مضاف (4).

شاه جي آئي يڪا يڪ، تي ويو روشن جهان،
رحمت للعالمين، ختم رسل آخر زمان.

(1) جاروب= ٻهارو (جاروب ڪش = ٻهارو ڏيڻ وارو (2) چوبدار= چوڪيدار. (3) شرع = شريعت. (4) مضاف=شامل، منسلڪ، (حرف مضاف=علم نحو مطابق اهو حرف جيڪو ڪنهن ٻئي حرف سان ملائجي)

حضرت عشق

ثــي ثنــا ان كــي ســونهين جــو جــڳ اپائڻهــار آ.
هــر كنهيــن جــو ســو ســباجهو پــاڻ پالڻهــار آ.

وه عجــب بــي رنــگ ۽ بــي مثــل ان جــي ذات آ.
ليــڪ سندس صنعتــن[1] جــو رنــگ پــاتون پــات[2] آ.

خــاص پنهنجــي ســير لــءِ ان عشــق كــي پيــدا كيــو.
عشــق ان كــان پــاڻ خــالق ثــي وري شــيدا پيــو.

عشــق خــاطر خلقيــائين نــور احمــد مصطفــيٰ.
پــاڻ عاشــق ثــي پيــو معشــوق مدنــي مجتبــيٰ[3].

شــان اعلــيٰ عشــق جــو جهڙس نــہ درجــو كنهــن بــئي.
ابتــدا ئــي ان كنــان ســڀ انتهــا ان اوٽ ثــئي.

عشــق كــان آبــاد جــڳ هــي عشــق ســڀ جــو آ اصــول.
عشــق هــادي عشــق رهبــر. عشــق ريءَ ناكجهــہ حصــول.

عشــق جــي آثــار كــان آ چــاڪ عاشــق جــو صــدور[4].
عشــق آدم ۽ حــوا ســان ڏس كيــو كيــڏو كلــور.

عشــق آڙهــہ ۾ وجهــايو كيئــن خليــل الله كــي.
پــوءِ بــاغيچو بنــايو دم تنهيــن آڙاهــہ كــي.

عشــق ســان عاشــقن كــي مــاٽ ۾ گهــارڻ پيــو.
ڏس شــهيد - كربــلا ســان عشــق ڇــا كــارڻ كيــو.

عشــق جــي اســرار جــا كيئــي عجــائب لڪ هــزار.
خــار[5] جــان ظــاهر سجهن بــاطن تــہ ڇــڻ گــل نوبهــار.

---

(1)صنعتن= هنر، كاريگرين.2. پاتون پات = پانت پانت، نموني نموني جا.
(3) مجتبيٰ = چوند، پسنديده حضور سرور كائنات جي صفت
(4)صدور ؛ سينو، ڇاتي. (5) خار ؛ كنڊا.

اسرار پنجتن عليهم السلام

ذات واحد کي پيو جڏهن سير جو خاصو خيال،
طرفت العين (1) ۾ ڪُن (2) سان ٿيو سڀ ڪم بحال.

جو پيو پسجي ڪ ڏجي، سا سڄي ان جي صفات،
سڀ جُڙي جنسون ويون، پر پاڻ ساڳي پاڪ ذات.

هر ڪنهين ۾ هڪ نہ ٻي، هن ڪا عجب حڪمت رکي،
ساحقيقت راز واري، مرد ڪنهن مانجهيءَ لکي.

هي سڄو ئي سير سانگو، قرب جي خاطر ٿيو،
سانگ اهڙي ساڻ پنهنجي، نور کي ظاهر ڪيو.

نور سو مخفي امانت مان ٿيو نروار بس،
ريگ رج ويران عرب، ٻهه ٻهه ٿيو گلزار بس.

هي ٿيو روشن جهان ۾ نور احمد مصطفيٰ،
روشنائي ٿي نمايان، وڀ (3) وئي نڪري صفا.

خاندان - مصطفيٰ جي، خود ڪئي مولا ثنا،
شان ۾ اطهر ڪنهين جي، ڪنهن ٻہ نسبت انما (4).

شان جي چادر لٿي، داخل جنهين ۾ پنج تن،
ذات جا آ حق جي، واصل تنهين ۾ پنج تن.

ٻن جهانن جي حوالي واڳ تن جي هٿ رهي،
مهر جن جي سان ويو، سڀ درد غم دل جو لهي.

---

(1) طرفت العين = اک ڇنڀ، (2) ڪُن = ٿي پوءِ. (ڪن فيڪون = ٿي پوءِ، ٿي پيو)
(3) وڀ = سچ (4) انّما = بيشڪ (انّما يُريدُ اللهُ ليُذهِبَ عَنكُمُ الرِجسَ اَهلَ البَيتِ وَيُطَهِّرَ كُم تَطهيرًا = اي پيغمبر جا گهر وارؤ. الله رڳو هي گهرندو آهي تہ اوهان کان پليتي دور ڪري ۽ تہ اوهان کي چڱيءَ طرح پاڪ ڪري.
(سورت احزاب، رڪوع 4)

اوصاف چاريارڪبار رضوان الله تعاليٰ عليهم

چار گوهر يار چارئي، مير مرسل سان سُنهن،
هڪ ٻئي کان وڌ پلارا، جاءِ پنهنجيءَ سر جُڙن.

هڪ سچو صديق اڪبر، دوست دلبر جان نثار،
راز جو محرم تيو، هر حال ساٿي يار غار.

هي ٻيو فاروق عادل، مرد غازي نامور،
فيض جنهن جي کان ٿيو، اسلام سارو بي خطر.

آ ٽيون عثمان صاحب، ذوالعطا (1) علم وحيا،
پڻ پيارو هم قدم، چوٿون علي شير - خدا.

چار ٿنيا دين جا، هي چار ممبر هن صحيح،
سچ سچارا دل قرارا، دوست دلبر هن صحيح.

---

(1) ذوالعطا=بن عطائن وارو.

سيدنا عبدالقادر جيلاني غوث الورا پيران پيرن دستگير

موج دل مان تو لکان، تعريف پنهنجي پير جي،
دادلي داتا دلاري، غوث اعظم مير جي.

هر وليءَ تي آ قدم، ان پير عاليجاه جو،
ديو ۽ جن و پري، آ زير فرمان شاه جو.

تار مان تاري ڏنا جنهن ٻاجهه سان ٻيڙا ٻُڏا،
قُم باذني (1) امر سان زنده ڪيا مُردا جڏا.

اسم اعظم (2) شاه جو، ٽوڙي زبر زنجير کي،
مهر سان ميٽي ڇڏي تو جو لکيئي تقدير کي.

شاه جي دامن لڳو جو، سو نه ڪوئي ڏک پسي،
دائما بيباڪ بيپروا، سدائين خوش وسي.

قُم با ذني=منهنجي حڪم سان زنده ٿي ٿي اٿ. (2) اسم اعظم= عظيم نالو (منهنجو نالو اسم اعظم آهي، ان کي اسم اعظم جو تاثير الله تعاليٰ پاڻ بخشيو آهي. حضرت پيران پير دستگير جو قول)

سنڌ سڀاجهي

پاڳ بيشڪ آ وڏوئي، سنڌ جو هن هند ۾،
ڇا وري ڪشمير ڪي ان جي جڙي ڪجهه جند ۾.

جئن پيارو آهه ان ۾ خاص هڪ منهنجو وطن،
جوڙ ۾ ان جي برابر ڪو نه ٿيندو در زمن (1).

جو لکي نالو مصور، الف ب لکجي جيئن،
شين ڪاف و الف ري و پ و واو، و ري (2) ائين.

رحمدل ۽ رلڻا ملڻا، ملڪ جا ماڻهو ٻجهن،
خوش لباس ۽ خُلق وارا پاڻ ۾ ريڌا رهن.

سنڌ ۾ ٻي روهڙي آهي مديني جي مثال.
پڻ وري ڪُهنو (3) سکر، بغداد جي صورت بحال.

سبز گنبذ هيٺان سائين، آ جتي مسند نشين،
مرد سو داتا سخي شاهن جو شاهه خير الدين (4).

در تنهين صدق دل سان، جو اچي اندوهگين (5)،
سو وڃي واپس وري، خوش خورم خنده جبين.

جهوڪ راڻيپور درازين، فيض جو واهڙ وهي،
جو اچي طالب اتي، سو سڀ دلي مطلب لهي.

ان سوا شهباز نوري پٽ ڏٺي پڻ ير جهلو.
سيگهه ۾ سڌ تي رسي مشڪل پيل جو ڪن پلو.

پوءِ ڪوئي سنڌ ۾ سچ، غم نه ڪو باقي ٿيو.
هر طرف ڪان ٿي بهاري، ڏرت ڏولاڻو (6) ويو.

---

(1) درزمن=زماني ۾. (2)شين ڪاف الف ري پ و ر=شڪارپور. (3) ڪهنو، جهونو، پراڻو. (4) شاهه خيرالدين= هي بزرگ غوث الاعظم دستگير، عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان، سيد احمد جو فرزند هو، 911 هجريءَ ۾ بغداد ۾ تولد ٿيو، علم جي تحصيل لاءِ بغداد مان مڪي، ۽ پوءِ سنڌ ۾ آيو. 1027 هجريءَ ۾ وصال ڪيائين. سندس روضو پراڻي سکر ۾ آهي. ميان شاهه عنات رضوي سندس مريد هو. شهنشاهه بيدل سائين جا لکيل ٻه ڪتبا پڻ سندس مزار جي اترئين حصي ۾ سنگ مرمر تي نصب ٿيل آهن. (5) اندوهگين=غمگين، پريشان. (6) ڏرت = لاچاري، مصيبت ڏرت ڏولاڻو وڃڻ= ڏڪار هليو وڃڻ. سڪار ٿيڻ، درد دفع ٿي وڃڻ)

حضرت عثمان مروندي قلندر لعل شهباز، سيوهائي

لاڏلـــو مـــولا علـــي جـــو، دادلـــو داتـــار جـــو.
آهـــ ســـو اولاد ثـــابت، ســـيد الا بـــرار (1) جـــو.

ميـــر مرونـــدي قلنـــدر، شـــاهہ عثمـــان نـــامدار،
شـــهر ســـيوهڻ ۾ جنهيـــن جـــو خـــاص ديـــرو برقـــرار.

جـــو ســـوالي آس پـــائي داد لـــــءِ هـــن در ويـــو،
ســـو دلـــي مـــاٺي مـــرادون، ســـيگهہ ۾ واپـــس ٿيـــو.

نـــزد مـــولا پـــاڪ، ان جـــو ٻـــول ســـڀ منظـــور آ،
رنـــج غـــم، آئـــي جنهيـــن جـــي، ڏيهـــ هـــن كـــان ڏور آ.

خـــاص نـــالي جـــو نغـــارو، جـــا بجـــا نـــروار آ،
ســـنڌ تـــابع هنـــد ۽ ڪشـــمير پـــڻ قنـــدار آ.

---

(1) سيد الابرار=حضرت علي ڪرم الله وجهہ (قلندر شهباز سيوهائي جو نسب سورهين پيڙهيءَ ۾ حضرت علي مرتضيٰ عليہ سلام سان ملي ٿو: ۱ حضرت عثمان مروندي بن سيد ابراهيم، بن سيد شمس الدين، بن سيد نور شاهہ، بن سيد محمود شاهہ بن سيد احمد شاهہ، بن سيد هادي، بن سيد مهدي، بن سيد منتخب، بن سيد غالب، بن سيد منصور، بن سيد اسماعيل، بن امام جعفر صادق، بن امام باقر، بن امام زين العابدين ، بن سيد امام حسن، بن حضرت علي مرتضيٰ رضہ الله عنہ)

هادي راه طريقت حضرت قادر بخش بيدل فقير روهڙي

رمز رندي راز واري، روهڙيءَ ۾ لات آ.
وحدتي جت وڏ ڦڙي جان هر گهڙي برسات آ.

هر ڳلي گهر شوق شادي، عشق آبادي رهي،
موج ميوو گل مجازي، عام امدادي رهي.

جئن عرب ۾ آهي مدينون، روهڙي تئن سنڌ ۾،
مُو (1) مبارڪ کان مشرف، آهه هر هنڌ هند ۾ .

مير مرشد مون سندو، ات صاحب ءِ علم وحيا،
محو معنيٰ غرق وحدت، رند عارف رهنما.

من خدا جو موج مان، آهي سندس هي خوش ڪلام،
فرش کان تا عرش اعليٰ، سير سڀ ڪُيڙا تمام.

اسم قادر بخش بيدل ، با تخلص نامدار،
صوفين جي سلڪ (2) ۾ سو مرد غازي تاجدار.

پٽ پسر(3) پڳدار ان جو، مير محسن نوجوان،
شاهه بيڪس بره جو سو هو بهو نقشو نشان.

عشق الفت جو گهران تو، دان تن جي در اتان،
شال ڪندا قرب وارا، ٻاجهه مون ٻانهي مٿان.

---

(1) مو= وار (روهڙيءَ ۾ وار مبارڪ)
(2) سلڪ = سلسلو سٽ . (3) پسر = پٽ.

تعريف شمس روضي شريف ۽ مدح مرشدنا
هادي راهه طريقت جناب فقير قادر بخش رح

جڏهن ڏٺي ڏاڍي روضي جي لاٽ آ — وحدت جي جت وڏي روضي جام جهڙي برسات آ
هر ڪا ئي ڪر شوق شادي عشق آبادي رهي — مدح ميوو گل مجاهدي علم امدادي رهي
جنهن عرب ۾ آ مدينو روضي تن سنڌ ۾ — مومبلهي لال شرف آ هر جا هنڌ ۾
مير مرشد مولوي سنهو الشاه صاحب علم وحيا — محو معني ۾ غرق وحدت رند عارف رهنما
من خدا جو جي مان ۾ آهه سنڌ ۾ خوش ڪلام — زهد لال تا عرش اعليٰ سير سب جيئن تمام
اسم قادر بخش **بيدل** با تخلص نامدار — سو فقيري سلڪ ۾ سو مرد غازي تاجدار
پڻ پس پڪ ڳوٺ پاران جو **مير محسن** نوجوان — شاهه **بيڪس** ٻيو جو سو هو نقشو نشان
عشق الله جو ڪمال تو دان تن جي دس آن — شال عشق ڇڏي ڀٽ وار ٻاجهون بالحق مان

آهي آدم سر الله — ٻول نه ٻيو ڪو تفهيم ٻڌائنج
الانسان سري وانا سره - آهي اهين آگاهه — ها ليو رحي نا پڻ ڪو لائنج
خلق الآدم علي صورته - چاڄي سفيد سياهه — هي معرفت معني سان ملائنج
انا نور نيارو مخفي - خاڪي تا هيس تاهه — اوت اسم ڪي چوٽ چلائنج
طالب سر ۾ آئيني ساهه - رمز الهي جو راهه — پنڌ پيا ڪي ڪين پڇائنج
سر ۾ ٻوڙي پنج تن بلڪل جسمي پرش پناهه — هي حال جو حليم عرش اڙائنج

فقير مسرور جي تحرير جو عکس

بيدل نامو

فقيرن بہ کھرا کھرا نہ بول ٻڌا آهن، چيائون:

عاشق رسيا اتي اتي،
جتي جاءِ ناهي جبريل جي.

واقعي سر اسرار حقيقي جو معراج ماڻيو بہ عاشقن ۽ سالڪن ۽ ڪمال اهو تہ هر سٿر ۾، هر منزل تي دمزني ۽ خيال جا ڪونتل ڪڍائي، طبل وڄائي هر ايندڙ ويندڙ جي من ۾ هلچل مچائي ڇڏيائون.

ظاهر ۾ لا مذهب پر باطن ۾ پابند. اهڙا اهڙا نعرا هنيائون جو جن سڻيا دل جي ڪنن سان تن اڄي ويساهہ جي پڙ ۾ سر سڻيا. پر الائي ڇو فقہ جا فرزانہ وري سندن رمز رنداني، تي ويٺا پورب جيڏا پهہ پچائڻ. ڳالهہ تہ سنئين پئي آهي، اصل پٽ پٽر، رڳو آهي غير گمان من مان ڪڍڻو ۽ مزي جي ڳالهہ تہ غير تہ وري بہ نڪريو وڃي پر اهو نياڳو "گمان ۽ شڪ" پنهنجي حملن ۾ اٺموڻ الائي ڇوتو ٿئي ۽ هٽي وڃي هنڌ ٿو ڪري جو ذري ذري تي عاشقن ڪي دار تي چڙهڻو ٿو پوي.

ظاهر ۾ دنيا دولت ڇڏڻ آسان بہ تہ نہ آهي! ڪير ڇڏي عيش عشرت ۽ ڪير ڇڏي بنگلا بهاريون ۽ وڃي پٽ وسائي. پر ڳالهہ ائين تہ آهيئي ڪانہ جيئن عام جي ليکي سمجهي تي وڃي. ۽ الائي ڇو ڪوئي نہ ٿو سمجهي تہ هي ملڪ سڄوئي معنوي آهي. بابا، ڪنهن پٽ پاسي وڃڻ يا مونن ۾ منهن وجهي غربت سان گذارڻ جو مطلب اهو آهي ئي ڪو نہ. جيڪو اڻڄاڻن جي عقل ڪي ڏڪائي ذمڪائي يا هيسائي بيٺو آهي.

هي تہ خيال ڪي ايڪانت ۾ آڻي، غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ڳالهہ آهي، جا ڪٿي بہ ڪري سگهجي ٿي، پل اوهان محل ۾ هجو، پل اوهان جهوپڙيءِ ۾ هجو، انصاف جي مسند تي هجو يا جنگ جي ميدان تي.
لوڪ الائي ڇو پليو آهي!

اصل ۾ خيال کي دليل جي لٽ باني سان ته جاڳائڻ به نه گهرجي. ڇاڪاڻ ته دليل جي سيج تي ماڻهو ڪڏهن به سک سان سمهي نه ٿو سگهي. ان لاءِ ٻهرين ته سٺي سنگت ڳولهجي. پوءِ ويهجي تن وٽ جن سان ڏکندو ڏور ٿئي ۽ پوءِ ڪجن روح رڃنديون پر جا ڳالهه ڪتابي آهي ته لفظن ۾ اڙجي پوڻ به نه جڳائي. اصل ونجي لفظن جي مک ڪي، سو به عشق ۽ محبت واري مام سان ته جيئن پنهنجي عقلي ۽ محدود سوچ بدران مولا جي حڪمت جا حال ملن ۽ من پنهنجو منصب ماڻي وٺي.

ظاهر دنيا ۾ حال حاصل ڪرڻ يا لدني علم حاصل ڪرڻ جا شائق ٿين ته گهٽيئي تا پر ڪي ڪن ورد وظيفا ته ڪي وڻن پيرن جو پاسو. ڪي ٿين سگ دربار مرشد جي در جا ته ڪي اهل قبور وٽ وڃي عرض اونائن ۽ هڪ ئي سٽ ۾ طريقت جي ترهي تي ڏيهي پرڏيهي پرينءِ سان هيڪائي هيڪ ٿين.

آهن ته سيئي رستا. راه هدايت جا. پر جنهن جو جيڪو نصيب .الائي ته ڪنهن جي عقل جي ورڪڙ زلفن جا پيچ کلن. الائي ڪنهن سان رام ريجهي ۽ اچي هم آغوش ٿئي اهو حيرت ناڪ حسن. پوءِ ته شعلا ڏسو شمع حسن جا ۽ باري بيپرواهه بره جي بهاريءِ جا. ۽ ائين به ناهي ته رڳو لکيو لوح قلم ئي ٿو پڙجي. پر فقير پنهنجي عجز نياز سان مولا جي مخلوق ڪي محبت ڏئي گهڻو گهڻو پيو داد به حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ ائين مالڪ پنهنجي ٻانهي کي راضي ڪري ڇڏيندو آهي. ان جي پالوڻ ته پئي ٿي هلي. پوءِ ڪو مرد مٺيادار هجي جو دامن ۾ جهلي ۽ رمزن کي پڙجهي، پر ڪڏهن ڪڏهن حيرت به ٿئي ٿي ته جن جي گهر ۾ گنگا ٿي وهي، سي به پيا ٿا اجارا ڦرن. واه مولا تيڏي بيپرواهي.

حالانڪ الله پاڪ جي طرفان مخلوق کي فيض ۽ فائدو هر وقت رسندو رهندو آهي پر خاص سالڪن ۽ عاشقن تي ڪجهه وڌيڪ. جيڪو ڪثرت ۽ تعداد کان پاڪ هوندو آهي ۽ پيو خاص فيض وري عاشقن سالڪن ذريعي (روح جي استعداد ۽ قابليت تحت) رسائيندو آهي.

هت روح جو مطلب اهو ڳڻ آهي جنهن جي ذريعي ماڻهو پاڻ جهڙي ماڻهوءَ لاءِ احترام ۽ محبت جو جذبو محسوس ڪندو آهي صوفين کي صاف خبر آهي ته "طالب، مرشد وٽ ائين هوندو آهي جيئن مردو غسل ڏيارڻ واري وٽ ۽ حضرت سلطان باهو عليه رحمت پنهنجي ڪتاب اورنگشاهيءَ جي صفحي 31 ۾ فرمائي ٿو ته فنافي الشيخ کي اهو رتبو حاصل هوندو آهي ته هو جڏهن پنهنجي شيخ جي صورت جو تصور ڪندو آهي ته ذات حق تعاليٰ جا سيئي مقامات، اناريهن هزار عالم جا زنده ۽ مرده روح هن کي ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ هو ٻين کي به ڏيکاري سگهندو آهي."

هن مقام تي ڪيترائي اولياءَ تصرف ۽ ڪرامت ۾ اڙجي پوندا آهن تہ ڪي مجذوب ٿي ويندا آهن، پر فقط عاشق ئي ان مقام کان اڳتي پرواز ڪري حضوري حاصل ڪندا آهن، جنهن لاءِ سلطان باهو عليہ رحمت فرمائي ٿو:

غوث قطب هن اوري اوري، عاشق ڦرن اڳيري هو،
جس منزل عاشق ويندي، اُتان غوث نہ پاوندي ڦيري هو.

انهيءَ جو حال ڏيندي"فقير مسرور" فرمائي ٿو:

حيرت جو لڪ لنگهياسي، پيو حال همئہ وارو،
اڃي بحر اُن ۾ پياسي، ڪنڌي نہ جنهن ڪنارو.

۽ جن ماڻهن انهن سيلانين، فقيرن ۽ اهل دل درويشن سان ناتو جوڙيو ۽ رنگپور ڪي عشق جي مشعلن ۽ ڏيئن سان روشن ڪيو. انهن جي قطار ۾ بہ يگانا گل، گلزاري ڪيو بيٺا آهن.

هي ڏسو رلمل رمز رلائڻ وارو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت، جنهن قرآن پاڪ ڪي سنڌي ٻوليءَ جي دامن تي ائين سجايو آهي جو سندس ڪتاب اکين سان چمڻ جهڙو ٿي پيو آهي:

اکين ۾ تي ويهہ تہ آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ ڏسان ڪي پيو.

خود لطيف سرڪار، وفا جي واٽ ۾ روميءَ سان رهاڻ ان جي مماتيءَ ۾ ڪئي. سندس تمثيلي شعرن، منظوم قصن ڪهاڻين(مثنوين) جيان سنڌ جي تاريخ ۾ واقعاتي تصوير جو باب اٿيو. قلندر لعل شهباز عليہ رحمت جي درگاه جون مٿيون پريون ۽ جتان جتان لالڻ لنگهيو، انهن تڪين جي آئيني ۾ پنهنجي عقيدت جو عڪس ڇڏي آيو.

انهيءَ خدمتگذاري ۽ وفاداريءَ جي صدقي اڄ لطيف سرڪار ڪي اهو بہ مقام حاصل آهي جهڙو نيشاپور جي عطار ڪي، جنهن جي وڃڻ ۽ ويساهہ تي سراج السالڪين دولهہ درازي حضرت سچل سرمست عليہ رحمت بہ سجدا ڪيا آهن، جتي اڄ بہ سوين سلامي آهن.

اها بسموري طاقت، عشق جي آگاهيءَ ۾ آهي. عقل ويچاري جي پيٽين ئي نہ آهي جو خيال دل ۾ آڻي ۽ "لا" جي منزل ماڻي. لطيف سرڪار اڄ نہ صرف سنڌ لاءِ ماه منور آهي پر پيا بہ جيڪي ڪشٽ ڪشالا ڪري، عشق جي ڳولها لاءِ ستارڻ وانگر عيش عشرت ۽ محل ماڙيون ڇڏي سسئيءَ ۽ لطيف سرڪار وانگر ڏونگر ڏوري رهيا آهن ۽ سندس چانئٺ چمڻ لاءِ جبين ڪي جهڪائي رهيا آهن، انهن ايندڙ مسافرن، مينترن، ماروئن ۽ وڻجارن ڪي بہ وڏا وڏا ڪلياڻ ڪرائيندو ٿو رهي ۽

جيسين نالو، دنيا جي سريءِ ۾ راڳ جيان ٻرندو، تيسين هي عاشق، عاشقن جو سرتاج ٻه هن مهڪندڙ مٽيءَ جو شان ۽ مان ٿي رهندو، سمونڊ جيان تازو تازو ۽ حسيني هوڪو ڏئي پيو وڃيون ورهائيندو ۽ ونڊ ونڊيندو رهندو.

۽ دولهه دراز حضرت سچل سرمست عليه رحمت، جيڪو سموري ڄمار پنهنجي ڪعبي قبلي مرشد حضرت عبدالحق سان لحمڪ لحمي ۽ دمڪ دمي رهيو، سو ٻه سيوهڻ جي تخت تي وحدت جي جلوي ۾ رهيو ۽ منصور ۽ عطار جي اوٽ ۾ الائيندو رهيو.

نـــوري نـــاري ناهيـــان

آهيـــــان ربّ جـــبار،

چون ٿا ته جيڪي لڙه لڳا، تن جي وجود جا، سارا وهم ڀڳا. ڀلا جيڪي حق سان حق ٿيڻ لاءِ حلاجي هُل هلائن، تن سان عشق جي بازار ۾ هٽ هلائيندڙ ڪافر، گبر، يهودي ٻه نماڻائيءَ ۽ نهٺائيءَ جي سودي سلف جو واپار ڇو نه ڪندو! بس ڪو بيهي ته باهوت ۾، اچي ته وڃ ميدان تي، وني ته وائي قبل موتوا جي، پوءِ ڏسي نظارو نينهن جو ۽ ان جي فراخدليءَ جو ته ڪيئن نه پسم ٿيندڙ نفسي طلب ازلي خيال جي خمر تي بي غم ٿي وڃي ٿي ۽ نه رڳو ماڻهوءَ جا دلي مطلب پورا ٿين ٿا پر سرڪار سچل سرمست عليه رحمت چواڻيءَ عاشقن جي گوشت جون ٻوٽيون قربانيءَ جو ونڊ ڪيئن ٿيون ٻڄن ۽ مراد وندن جا ٻئي جهان ڪيئن ٿا سنوارجن.

عقيدت واري، هن موجون ماريندڙ درياه ۾ غوطو هڻي ڏسبو ته خبر پوندي ته سرڪار دولهه دراز حضرت سچل سرمست عليه رحمت وانگر شهنشاه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمت ٻه اهو عاشق شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن قلندر ڪبريا حضرت لعل شهباز عليه رحمت سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

بيدل سرڪار چائو، مير جان الله شاه جي دعائن سان ۽ مريد ٻه انهن جو ئي رهيو پر عشق جي ولايت تي واضح ڪيائين ته

- بيدل نالي تي ڪيم، سجدو سيوستان
- ميرا مرشد مڪمل هي قلندر، حسيني حيدر - سلطان سرور

سرڪار بيدل بادشاه هيو ته تمام وڏو عالم، پر ڪنيائين، انسان سان عشق جي ڀرين پوڙيءَ تي. ڪرمچند سان عشق جو پيچ پائي هندو فقير سڏائڻ ۾ ٻه عار نه ڄاتائين. جنهن فقير (صديق فقير) هندوءَ جو لقب ڏنس، تنهن کي سوال شاه جي اوطاق تي محفلِ درد عشق ۾ تحيتن سجدو ڪري وڏو افتخار ماڻيو هئائين.

غلام محمد يا پير محمد سان مجاز جا حجاب لاهڻ، اصل ۾ ثابت ڪرڻ هو، هر سريءَ ۾ وڄندڙ حق جي رباب جي غلغلي کي، جنهن جي وحدت جو انڪشاف

طبع کي تابع ڪرڻ ۾ آهي ۽ اهو ئي بهشت آهي جو ماڻهو پنهنجي اک جي اڪسير سان لوهه کي سون ته ڪري. ساڙ جي ڪباب ڪنڊڙ آڳ کي ابراهيمي گلزار ۾ تبديل ته ڪري ۽ اهو شهنشاهه بيدل عليه رحمت هو، جنهن وجود ۽ فنا جي معنيٰ کي نروار ڪرڻ لاءِ انساني محبت کي معراج چيو.

اها ساڳي ئي حڪمت هئي جا پالوڻجي وئي بره جي باز بيڪس فقير ۾.

اهو بيڪس فقير، جيڪو دنيا جي ننڍي عمر وارن شاعرن ۾ تمام وڏو مقام رکي ٿو، جيڪو پليو ئي ولايت ۽ ڪرامت جي پالني ۾، مرشد شهنشاهه بيدل سرڪار جي هڪڙي پيار ڀري پڪ ۾ ذات صفات جي سئر جون وڏيون وڏيون پروازون ڪيائين ۽ عرفان جي خاص خوشبو ونديندي چيائين.

بيـــدل مرشد منهنجـو ســائين، غريـب نــواز هـو،
بيڪـس خــادم در سـندس کـي، عشـق جـو آغـاز هـو.

۽ بيڪس سائين جو ڪنيي سان عشق يا سرمد جو ابيچند سان، هي احوال مجاز جو، جيڪو ڪنهن هندوءَ جي حسن رخسار تي ڪلي ٿو.

ويو هٽي هندو ڪٿي، ڪعبي اندر ڪافر ڏٺم.

اصل ۾ اهو سچو معاملو عشق جو، مذهبي تنگ نظريءَ جي خلاف محمود ۽ اياز واري الفت جو اظهار آهي، ته جيئن سالڪ هن سنيهي مان سمجهن ته هو، هر "سرّ" سان وٺحن اقرب آهي. عشق جي لامحدود افلاڪ تي آهو چشم يا ساڳي صورت، گلابي ڳلن، محرابي مهتابي مک، بسئنتي بدن، ساقي، مئخانو، مئخوار، پريم پيالي يا ڪعبي قبلي جون علامتون، معنوي مقصود جي عاقبت اجارڻ لاءِ سجايل آهن.

بي ديني پلا ڪنهن کي درڪارَ آهي؟ پرالتي چال کي محبوبي رنگ ڏيڻ جو مطلب آهي، صرف عقل جي انهن انڌيرن کي دور ڪرڻ آهي، جن انڌيرن جي ڪري انسان، لوڀ لالچ ، ظلم ۽ وحشيپڻي جي ڪڌ ۾ ڪري پيو آهي.

تڏهن ته عشق وارن تي فرض ٿيو، هر سئر ۾ محو ماڻهوءَ کي وحدت لاءِ پڪارڻ جو. سرڪار بيڪس سائينءَ جو پيو ڪمال اهو آهي ته هن، ان ننڍي وهيءَ ۾ ئي هزارن جي تعداد ۾ سنڌيءَ ۽ سرائڪي زبان ۾ لاثاني شعر لکيا. تعداد ڳڻائڻ ڪو ڪارنامو نه آهي پر ان ننڍي عمر ۾ فقير بيڪس سرڪار تي درد جي اهڙي ته ڪا ڌم ڌڙي لڳي جو لڳي ٿو جهڙو پاڻ سچل سرمست هجي جو ساڳئي دم واري ٻوليءَ ۾ چئي ڏنائين.

آهيان پاڻ الله، عشقئون ٿو عبد سڏايان.

بيڪس فقير جي انهيءَ پير مغان شهنشاهه بيدل سائين يعني ، روهڙيءَ جي هن لعل سان، جنهن لکي ڇپي دل لاتي انهن ۾ شڪارپور شهر جو اهو فقير ميان

غلام علي مسرور هو. جنهن ظاهر باطن هر رنگ ۾ سندس در جي درباني ڪئي ۽ سندس قربن کي ڪچ ۾ ڪٿي ڪڏايو:

بچـــايو مـــــون بيـــــدل، جيـــڏيون بـــره بـــــاري،
ڪـــري تنهـــن ڪـــي ڪـــچ ۾ مـــــان قربئـــون ڪـــڏيان.

فقير مسرور. شهنشاهه بيدل جي وصال کان 21 سال پوءِ رانجهوءَ جي هن رنگپور ۾ اچڻ جو قرب ڪيو. اتفاق اهڙو جو پاڻ بہ بيڪس سائين جيان تيرهن چوڏنهن سالن جي عمر ۾ ڪلام ڪيائين ۽ عشق جي عينن جو اشارو ملندي ئي چئي ڏنائين:

آيـــــو عشـــــق حضـــــرت لکيـــــن لطـــــف پانيـــــان
ســـبب کهـــڙي ســـرتيون مـــــان لوڪـــون لڪايـــــان.

جيئن دستور آهي تہ ماءُ بہ ٻار کي روئڻ ڪانسواءِ ٿڃ نہ ڏيندي آهي تيئن عشق بہ عجز ۽ آزيءَ ڪانسواءِ نہ ملندو آهي. فقير مسرور تي عشق جي عطا ٿي بہ بيدل بادشاه جي بره جي باغ جي مالهي ٿيڻ سبب. جو لڳن تي نفيءَ جي خاڪ ملي دمبدم گذارشن ۾ پيو گهاريندو هو.

هـــڪ نظـــر ســـان تـــنـــگ پـــرور عشـــق جـــي اوتـــي ڏئـــي،
چـــاڪ هـــي چولـــي تيـــل، مرشـــد ســـخي ســـردار ڳنـــدي.

ڪافي

اتي ڪا تندڙي تنوار، جاڳي جار مان منهنجا جو ڳيئڙا.

اڳتون سالڪ سخن سچارا، سخت بُجهي سرڪار.
الله هـــو هـــو، هـــو هـــو الله، هينئيـــن منجهـــہ هونگـــار.
سمهـڻ اڳـي پـي سـرس پيـــو آ، غـــافل تـــي نـــہ گـــذار.
"مســـرور" بيدل شاه جي در تـــي بـــانهون ٻـــذي ٻـــاڪـــار.

ڪافي

هـــــادي نـــــانءِ الله، پنهنجـــــو مـــــون پـــــاڻ پســـــاءِ،

پنهنجي ڪرڪا مهر موچارا، منهنجي عيبن ڏي نہ واجهاءِ.
فـــائق لـــڳ فنـــا جـــو، پـــري جـــام پـــلاءِ.
ســـري روحـــي خفـــيءَ جـــو، ســـارو ســـٽر ڪـــراءِ.
"مســـرور" آڪـــي هـــادي ســـائين، بيـــدل بـــره بچـــاءِ.

ڪافي

پارس پرين تون آهين اڳي پوءِ منهنجو،
هاڻي لوهي ڪي سجين نـ سجين ميان.

واجب آهون ڪرڻ اسان کي، مرضي تنهنجي مڃين نـ مڃين ميان.
اڇا آندم ڪپهہ ڳڏ ڪڪڙا، تنهن کي وڻين تڃين نـ تڃين ميان.

روحڪ روحي ساه سيبائين، پري پنهل توڙي وڃين نـ وڃين ميان.
"مسرور" توڪ صحيح سڃاتو، پولو ميم جو پڄين نـ پڄين ميان.

انهن عجز آزين توڙي عرض عقيدتن ۾ فقير مسرور جي لونءَ لونءَ بہ پاڻهون ٻڌجي ٻاڏائيندي رهي:

بخش مون بيدل سخي تون، عشق جو آزار سي،
پرت مان پهراءِ پڻ، صوفين سندو سينگار سي.

راز رس جو جام ڪو هادي هٿن سان مون ڏيو،
ديد باطن جي ڪلي، جيئن تي عيان اسرار سي.

حال ذاڪو موج مٽيا، قرب ڪفني مهر مان،
ڪر عطا نالي خدا، جو ڳين سندو جنسار سي.

درد دوڙو سوز ساڙو، روح راڙو روز شب،
سرمتان منهنجي رڳو هي بره وارو بار سي.

مهر ڪر"مسرور" تي نالي مٺي محبوب جي،
ساهہ سر تنهنجي مٿان صدقي ڪيان گهر بار سي.

مداح

بخش مون بيدل سخي تون. عشق جو آزار سي،
پرت مان پهراءِ مون، صوفين سندو سينگار سي.

ڏي پيالي ڪي پري هادي هٿن ساڻ پنهنجي،
تان ڏسان مخفي اهو عين اليقين اسرار سي.

غيرتئن اندر مان منهنجي ڪورجي ٻاهر وجي،
جان تي جڙجي وجي، جوڳين سندو جنسار سي.

عرض منهنجي ڪي اگهائي، ڏيو لقا پنهنجي حضور،
سر سندا ڏي قرب وارا، ٻره وارو ٻار سي.

تنهنجي در تي آ صدا، ”مسرور“ پينو ۽ گدا،
بادشاها ڪر نظر، تان هي ڇٽي جنجار سي.

*

ڪافي ڪاريهر

لاڳ لنگهي ڪي لاٿن پريا، سائين ڏي تون سڏي.

ٻن ڏئي پيا در مڙيئي، آيس تنهنجي تڏي.
ڪاڏي وڃان مان ٻي در ڪاهي، در اوهان جو ڇڏي.
محتاجي ٻي در جي مون ڪي منهنجا مرشد مير نہ ڏي.
ميراثي ”مسرور“ ڪي ٻهرو، عشق جو ڏيئي وجهہ اڏي.

مداح

سچا اي مرد مولا جا، اسان جي راه روشن ڪر،
پسائي پاڻ پڻ پرتئون، دکايل دل کي پر سن ڪر.

ڪري ڪاڏو اجهو آيس ڪمائي ڪوڙ ڪچ سارو،
پرين پارس، ڪٿيل ڪچ سو، ڪري تون قرب ڪنچن ڪر.

طفيلي مير مدنيءَ جي، ڪيو اپديش ڪو آقا،
مٽائي چال من جي کي، اسان کي مير محسن ڪر.

ڏکيري هٿ سخاوت جو، خدارا گنج مان پنهنجي،
ذرو ڪو ذوق جو بخشي، سندم خوشنود تن من ڪر.

اجابت ۾ اچي عرضي، اها ”مسرور“ جي مولا،
اڌورو ڪاڄ اٿيورو، اسان جو شاه پورن ڪر.

مداح

بيدل سخي نالي خدا جي عشق مون امداد ڪر،
ڪو ذوق ذرڙو تنهن سوا ٻـ از خدا ارشاد ڪر.

هڻ هاء هن هستيءَ کيو آ حضرتا ڏاڍو هلاڪ،
خانو خوديءَ جو وڙ ڪري، وارث سگهو برباد ڪر.

دل جي وستي دستگيرا، عشق ريءَ آهي اجڙ،
لله گهر ويران منهنجو، عشق سان آباد ڪر.

پنهنجي چمائي، نفس مون کي تو رلائي در بدر،
موذي انهيءَ منحوس کان، مون لڳ الله آزاد ڪر.

"مسرور" جي تو در سخي هي آه زاري آ سدا،
صدقي شهيد - ڪربلا، سائل سندو ڪو داد ڪر.

مداح

ٻڌي ٻانهون تنهنجي در تي، ڪيان فرياد اي بيدل،
خداجي واسطي مونکي ڪيو ارشاد اي بيدل.

نہ طالب دين دنيا جو نہ ڪي عقبا سندو آهيان،
فقط مون ذوق جو ذرڙو ڏئي امداد اي بيدل.

نہ ڪر محتاج مون ڪنهن جو، بچايو شر شيطان کان،
کيو هن داٻهن منهنجيءَ جو سگهوئي داد اي بيدل.

نہ مون ۾ حال آ ڪوئي نہ ڪي آ مون ڪمايو ڪجھ،
اجائي عمر حرصن ۾ کيم برباد اي بيدل.

محبت عشق مولا جو عطا قطرو ڪري سائين،
نوازي هن طرح نوڪر، ڪيو دل شاد اي بيدل.

پلايو پيال ڪو پنهنجو، وسايان وحدتي ويڙهو،
کيو هن ڪوٽ ڪثرت کان ڪيي آزاد اي بيدل.

خرابـــت ۽ خطـــائن ۾، ڪچـــاين ۽ گنـــاهن ۾،
وجـائي عمـر مـون سـاري، ائيـن افـراد اي بيـدل.

مٺـا مرشـد اوهـان ڏاران وسـيلو ڪـو نــ ڪوئـي آ،
زبـان تـي نـانءُ تنهنجـو تـم سـدائين يـاد اي بيـدل.

مجازيءَ جي جـُهلي جهولـي ڪنان، امن و امان ڏيئي
سـدا "مسـرور" جـو ويڙهـو رکـو آبـاد اي بيـدل.

*

سرائڪي

سـڻ بيـدل شـاهـ پڪـاران وي، ڏيويــن دلاســا دل آزاران وي،

عشـق دي سـانون راه بتـاوين، وت کـو بـاري بـره بچـاوين،
ڪا راز رندي دي رمز سڪاوين، مٺن سهسين شکر گذاران وي.

ڪوئـي حسـن بيرنگـي والا، وڪـاوين چـالا نـور نـرالا،
پريمي پلائيـن پر پر پيالا، تيڏي ڳاوان ڳڻ هـزاران وي.

تيڏي در دي چاڪر مٺن هان، بي زر بندي حاضر مٺن هان،
اڳلي ڪوجهي ظاهر مٺن هان، تون ڪرين معاف مياران وي.

"مسرور" دا سڻ عرض تون ساجن، راضي ٿيوين ميڏا رانجهن،
طرف اسان ڏي لڪين وي لالن، خير ديان ڪي اخباران وي.

ڪافي

سـانون وجـڻ ضـرور، پـلا پـار پريـان دي.
ويسـان سيان ملڪ مـاهي دي، رهسـان مٺن نـا مـور.
اڄـاري سـي انـدر اسـاڏا، اور درد ڪـري سـي دور.
جـام درد محبـت والا، **بيـدل** ڏيويـن پرپـور.
ڏيويـن بديـان سـيئي نسـيان، پلءِ پـاءِ "مسـرور".

سي حرفي (هڪ بند)

ل - لک لک واري صدقي تيسان، جڏان اڳڻ ميڏي تون آوين.
بيدل سائين نال ڪرم ڪوئي، باري بره ٻڇاوين
پريمي پيالا پرتئون پيارا. سانون پر پلاوين.
"مسرور" آکي نال ميڏي تون، هادي نينهن نياوين.

سي حرفي (هڪ بند)

ي - ياور هادي بيدل ميڏا، لٿڙي خوف خطر،
مرشد ميران محب الاهي، ضامن روز حشر،
ساقي ڪوثر والا صاحب، دم دم دي آڌر،
ٻاجهه ڪرن "مسرور" جڏان، تيسي بخت سڪندر.

*

جنهن سان دل لڳي ويندي آهي ۽ وري ويساهه به ويهي وڃي ته اهو ئي محبوب وصل جون پُر وٿيون پيئاريندو ته پوءِ ڪو ٻيو ٻول نڪرندو ئي نه آهي زبان مان. سواءِ عشق جي ۽ وصل جي طلب جي ۽ فقير مسرور جي به سموري ڪلام ۾جاءِ بجاءِ بيدل شهنشاهه جو حوالو موجود آهي:

- لهر لوڏي هن مجازي موج ڪان لڳ خدا،
  ٻاجهه جون ٻانهون ڏئي، بيدل سخي پوتار تار.
- ڪاڏي وڃان مان ڪاهيون، دلبر اوهان جو در ڇڏي،
  ديرو سنڌءِ در سامهون، ڪيئن اچي گهر تر ڇڏي.

  دمبدم تنهنجون ديدان پسي، هر هر پيو تو حج ڪريان،
  ڪعبي ڏي ڪهڙي ڪم وڃان، هتڙو حج اڪبر ڇڏي.
- ٻهڳڻ اهڙو ٻاڻ، جيءَ ۾ هنيو تي جانب جوڙي.
  ستي گهمندي ساجن سائين، سوز تنهنجو تم ساڻ،
  مشرق هئي يا مغرب ڊوڙي.

شوق جي مٽيءَ ڪي جڏهن پريت جو پاڻي ملندو آهي تڏهن ئي سڪ جي سلي مان عشق جي ابناسي گل جي اک ڪلندي آهي، اهڙن آثارن جي اظهار وقت فقير مسرور ڪجهه هن طرح آلاپيو آهي:

شڪر مبارڪ لک لک يارو، عشق پڪي منهنجي پيو ڙي پيو.

ڪافي

عشق ٿيو اظهار پڇي ٿي عقل ويو بيزار.

عشق آيو مون سرتي ڪاهي، سرت سموري وئي ڇڏائي،
صورت جو سردار پسي، سڀ هوش ويو هڪوار.

حسن چڙهائي فوج فرنگي، ٻاڻ هڻي جنهن دلڙي ٻنگي،
برهه چڙهايو باري بار، وسري ويو گهر ٻار.

پريم پيالو بيدل پياريو، غير اندر جو جنهين اڪاريو،
خوب چڙهيو خمار، نشو ٿيو نينهن جو تارون تار.

”مسرور“ لڳي تو زهر زمانو، ڳل ۾ ڪفني پا تم ڳانو،
نينهن ٿيو نروار، ڇڏيو مون ساڙي سڀ سينگار.

ڪافي

آيو عشق حضرت لکين لطف پانيان،
سبب کهڙي سرتيون مان لوڪون لڪايان.

سڌ سور واري جيڏيون نه اوهان کي،
جيڏيون نور نعمت بره تي مان پانيان.

جنيا ءِ مٽيا جڙيم جسم تي مان،
پاتي عشق الفي، لڳين خاڪ لايان.

هزارين هٿن ۾، لکين ڳچيءِ ڳانيون،
سندي چير سورن، پيرن ۾ پايان.

”مسرور“ مون کي ڏنو آ عجيبن،
سندو ڏاج ڏکڙن ڇمي سرتي چايان.

بچايو مون بيدل جيڏيون بره باري،
کري تنهن کي ڪيچ ۾ مان قربئون کڏايان.

عشق حقيقي جي واٽ، مجازي حجاب واري دريءَ مان ليئو پائڻ کان پوءِ نظر اينڊي آهي ۽ مجاز، وري وڻ آهي صورت جي سئر جي ۽ انهيءَ سئر ۾ جنهن سجاتو ساجن کي صحيح تہ پولو "مير" جو پڇي ٿيندو آهي پري ۽ نسنگ نروار ٿيندو آهي نعرو نينهن جو:

ڪافي

عشــق آيــو ســر ڪهــي، هليــو ويــو هــاڻي حجــاب.

سُرڪ جن سڪ جي چکي، سـر جي نـہ تن پرواه رکي،
سي تـا ڏين لاهي لکي، سورهيہ سـِري شوقئون شتـاب.

هوش مـون هـٿ ڪـان ويـو، ڏک سـور پـي سـاٿي ٿيـو،
عشـق جـي آتـش ڪيـو، سـينو جـگر سـاڙي ڪبـاب.

نينهن هاڻي ڪيئن نهان ٿي، عام کي پل هي عيان ٿي،
پـڙ مٽي پيـر - مغـان جي، شـوق جـو پيتـم شـراب.

هـاڻي غـم "مسـرور" نـاهي، بـره جـڏيو پـوءِ پلائـي،
شـاه **بيـدل** منهنجـو آهـي، فيـض پـرور فيضمـاب.

فيض ملندو آهي گهرڻ واري کي يا طلب ڪرڻ / رکڻ واري کي ۽ ڳالهہ مزي جي آهي ٿي اها تہ اکرن ۾ ازل يا ازجي ويل اديبن کي، احديت ۽ عبديت جي احوال ۾ ئي سوين وسوسا ۽ هزارين ڪشٽ ڪشالا ۽ مونجهارا معلوم ٿيندا آهن، جڏهن تہ عشق جي عجائب رنگبرنگي پوش پهرڻ ساڻ اوکو بہ آسان ٿي ويندو آهي.

ڪافي

عشــــق ســـــندي آزار، ويهــــڻ بيهــــڻ آرام وجـــايو.

پير - مغان مون کي ڏنو آ پيالو، لهي ويو سڀ ڪشٽ ڪشالو،
حـال سـان رهـہ همڪنـار، هـاديءَ مـون کـي حـق سمجهـايو.

وايون ويون ڪل ٿي وسري، ڳالهہ صوفيءَ جي اڳ کان اڳري،
پيـر - مغـان جـي پـرت پچـار، سـوليءَ آڻـي سرڙو نوايـو.

عبديـت جـو لاهـي اولـو، پـج "مسـرور" دوئـيءَ جـو پولـو،
احـد کـري اظهـار، **بيـدل** آهـي نـانہَ ڌرايـو.

سرائڪي

وسندا ويڙهي سدا رانجها، من ڪون ميڏي پانودا
"بيدل" سائين رهبر ساڏا، اسان سائيان دي بردي

اردو

بتائي بات جو "بيدل"، محبت ڪي نياري هي
همين "مسرور" ورد اس ڪا سهارا هي پيارا هي

ڪافي

رخ صنم دا ڪعبہ قبلا، ابرو مثل محراب ويکو،
سجدي اندر بسمل هويا، بره والا بيتاب ويکو.

سخن سنجيده ڪنز قدوري، ثابت صحيح صحاب ويکو،
طواف دم دم ڳلي صنم دا، عاشق عظيم ثواب ويکو.

مصحف عين اشاره ظاهر، اور نہ ڪوئي ڪتاب ويکو،
ملڪ دليان دا لٽ نيندا، ووهي ناز نقاب ويکو.

ڳالهہ اها "مسرور" دي يارو، دل دا ڪر حساب ويکو،
ايهي رمز رلاوڻ والا، **بيدل** شاهہ شتاب ويکو.

ائين تہ اوس ٽيٽو آهي جيئن دل لڳائي اسڪول ڪاليج يا يونيورسٽي جا درجا پاس ڪيا آهن، تيئن عشق جا امتحان ۽ منزلون بہ ٽينديون آهن: ناسوت، جبروت، ملڪوت، لاهوت، هاهوت ۽ باهوت.

ها ائين بہ درست آهي تہ:

چائٽ پائي چٽ ۾ سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن دڪوئي داخل نہ ڪيو.

پر جي محبت پائي من ۾ رندا بہ روڙبا تہ بہ ڏون چار واري مادي علم جي سالن لڳائڻ وارو عرصو هڪ لحظي ۾، عين جي هڪ اشاري جيان طئي ڪري عشق جي ملڪ ۾ رسي وڃبو. پلا جڏهن عشق جي مڪتب ۾ ويهبو تہ عشق جي نصاب ڪان بہ آگاه ٿبو نہ! رڳو ستون ڪرڻ تہ ڪم آهي سڌڙين جو. پر جي آگاه ٿبو تہ ضرور ائين ئي چئبو جيئن فقير مسرور چوي ٿو:

ڪافي

عشق اٺانگي سندو اسان کي، يارو نينهن نچائي ٿو.

ڪاٿي مومن ڪاٿي هندو، ڪافر ڪٿ سڏائي ٿو.

ڪاٿي ورد وظيفن ۾، پوٿيون ڪٿ پڙهائي ٿو.

روپ عجائب رنگبرنگي، پوش لڪين هو پائي ٿو.

جذبا جوش ڏياري دل کي، در در گهٽيون گهمائي ٿو.

هر صورت جو ڪري بهانو پنهنجو پاڻ پسائي ٿو.

آپي عاشق آپي معشوق، ناهي عجب نهائي ٿو.

سرتي اڄ "مسرور" سندي، **بيدل** يال يلائي ٿو.

ڪافي

عشق لڳو ٿم آريءَ جو، جيڪو سورن سبق پڙهائي ٿو.

حال حقيقي راز رندن جو، سير سچو سمجهائي ٿو.

وهوا ورد جنهين جو يارو، دم دم جوش جڳائي ٿو.

"مسرور" اڄ تان مهر منجهاران، **بيدل** بره ٻجائي ٿو.

هر حال جي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڏائڻ يا طلب جو شوق ضروري هوندو آهي. يال ته پورائي ۾ ٻه ٽي ويندا آهن مگر عشق جي ارتقا خلق جي عامي عقل کان مٿانهين رمزن جا طبل وڄائيندي آهي، جيئن فقير مسرور اظهاريو آهي:

سرائڪي ڪافي

عشق ڪيتا بدنام، وسر ڳيو سي مذهب سارا.

پير- مغان پرڪي پلايا، خاص خمر دا جام،

وسر ڳيو سي مذهب سارا.

سر اساڏي ڏاڍا هويا، حسن دا هل هنگام،

وسر ڳيو سي مذهب سارا.

ڳالهہ هڪا سڀ هڪ ئي هوئي، نا هي حلال حرام،
وسر ڳيو سي مذهب سارا.
"مسرور" ساڏا حال حلاجي، خلق ڄاڻي ڪيا خام،
وسر ڳيو سي مذهب سارا.

ڪافي سرائڪي تلنگ

پهر شرع دا پوش، هوڪا هرجا ڏيوين حقيقت.
هر دم حال حلاجي يارو، جذب ڏيويندا جوش،
سڻ قال اصبر، ترسي طبيعت.
وڄ پيالي سوز دا سمندر، پيا ڪرڪيتم نوش،
ڪس ڳڏا جنهن، آرام جميعت.
الڻ پيا سر عشق الاهي، بيخود ٿي بيهوش،
واه وڄاوان، طبل طريقت.
"مسرور" دين مذهب ديان ڳالهيان، ڪر ڪل ئي فراموش،
بره **بيدل** دي، ڪيتم بيعت.

ڪافي

في الحال ٿي فراغت، صلوات ۽ ذڪر ڪون،
اسلام سان نہ نسبت، ڪڻ ڪفر جي اڪر ڪون.
ڇڏياسي لاڳ سڀ لاهي، سنسار نا سيبائي،
خيشي نہ ڄاڻون ڄاهي، بيزار سڀ بشر ڪون.
برهون پيگا سي پولا، سڀ وهم هي وڃولا،
ڄاڻون رواج رولا، خوش خاص هون خبر ڪون.
شريعت ڪان پي قرياسي، هي هو بئي ڇڏياسي،
پرپور ٿي وياسي، **بيدل** سندي نظر ڪون.
مئخاني رخ رکيوسي، تسبيح کي ترڪ ڪيوسي،
"مسرور" منهن منيوسي، مسجد مڙهي مندر ڪون.

ڪافي

لڳڙي آدرد ڏمال، نينهن نسنگ ٿيو آ نانگو نسري.

حضرت حسن ڪٺي پالو، وٺي فرنگي فوج اٿالو،
ڏاري چٽنچل چال، سورهيه سرتي آيو آ سنيري.

تير اکين جا ماري ڪاري، سورهيه پنهنجي ڪئي آ سواري،
ويئي سرت سنڀال، هوش عقل مت ويو سڀ وسري.

برهه بهادر دل کي گهيريو، نادر نينهن ڊنيورو ڦيريو،
سڀ مخفي قيل مقال، هاٺي تي پئي پٽ تي پڌري.

پليان پاڻ، نه تي تو پليو، جهليان، روح، نه تي تو جهليو،
عشق وجايا افعال، وس ڪان ڳالهه وئي آ نڪري.

حال پيو "مسرور" حلاجي، مرشد مليو نيهي ناجي،
لٿا ڏوهه سوال، ڏين ڏرم ڪان ويو هان نبري.

اکرن جي الٽي چال کي يا سٽئين سوانٽي وات کي ڪي معنوي مرد ئي پرجهي پروڙي سگهن ٿا يا اهي جن جي عقل تي محدود دليل جي ڪٽ چڙهيل نه هجي. اهو سالڪ ئي سمجهي سگهي ٿو. هنن لفظن کي نه مثال شراب معنئ کهڙي ٿو رکي. لفظ نه عمل فعل ۽ صفت جون علامتون هوندا آهن جيئن شراب پيئڻ کان پوءِ ماڻهو کنهن ڪيف ۾ پنهنجي ماضي، حال ۽ مستقبل جو هڪ سرور ڏيندڙ ۽ خوابيده سڌر ڪندو آهي، تيئن عشق جي جام پيئڻ وارن رندن، خوابيده نيڻن جي اصطلاحي اوٽ ۾، مظهر صورت ۾ سمايل حق جي ديدار جو حال ڏنو آهي ۽ شراب کي عام شراب نه سمجهيو ئي ناهي، هي نه پيالو آهي پريم رس جو، جيڪو ملي ٿو مرد مولا کان پوءِ نه چيو مسرور فقير جو به سچ آهي ته:

اي دل شراب پي تون، هرگز حرام ناهي،
خاصن کي سُڌ سچي آ، هيءَ ڳالهه عام ناهي.

ڪجهه فڪر نا رهي، ان ڳالهه جو اوهان کي،
واعظ کي اگر ان جو، جي احترام ناهي.

هيڪر چکي جي چشڪي، واعظ نه پڪ چوي،
مسجد سان مور منهنجو، اڳتي سلام ناهي.

آنيش مثل مجلس، سا عيش جي سراسر،
جنهن ۾ اگر صراحي، ساقي ۽ جام ناهي.

"مسرور" ٻول تنهنجو، هر ڪو چوي مگر،
ٻولي پيو پيو تون، منهنجو ڪلام ناهي.

تصوف، تن، من ۽ قول ۽ فعل جي پاڪيزگيءَ سان رهڻ جو نالو آهي، جنهن لاءِ اڳي وارا درويش دنياوي ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف پنهنجي احتجاج ڪي گوشي نشيني جي اوٽ ڪري اظهاريندا هئا. پر چپ سبائي نه ويهندا هئا. پرچار ڪندا هئا. حق سچ تي سر وڃائڻ واري حد تائين. جا ڳالهه اسان جي جديد سماجي معاشي ۽ سياسي نظرين طرفان صوفيءَ تي قنوطيت ۽ فراريت جو الزام بڻجي وئي آهي.

حالانڪ ائين نه آهي. سچ جي پاسباني ٿيندي ئي هوس لوڀ لالچ ۽ ڏاڍ ظلم کي ڇڏڻ سان آهي. ماڻهو تاريخن مان سبق به پرائيندو آهي، پر وساري به جلدي ويهندو آهي ته عقلمنديءَ جا دعويدار سدائين لالچن ۾ گرفتار ٿي پوندا آهن. مگر عشق وارا سدائين آزاد هوندا آهن. فقير مسرور به هئڻ هستي ۽ "مان" جي مڳيءَ ۽ شاهيءَ کي گدائيءَ سان مٽائڻ لاءِ محبت جي مستيءَ ۾ سمجهايو آهي ته:

مٽائي جيم جو نقطو، مٿان ڏيئي، وجهي جهاتي،
پتولهه، هاڻ تان تو ۾، جدا چاهي خدا ڇاهي.

خودي ماري رهي بيخود. وڃُو ٿي خود خدا ڪان وڃ،
خدا پي جڻن چوي منهنجا خدا تنهنجي رضا ڇاهي.

سچ ته علامه اقبال به چيو آهي ته :

خودي ڪو ڪر بلند اتنا ڪه هر تقدير سي پهلي
خدا بندي سي خود پوچهي، بتا تيري رضا ڪيا هي.

اها خودي، مادي آهي، جا سماجي سائنس تحت به درست آهي پر اها خودي فرد جي شخصي آهي. شخصي خودي روحاني درجات ۾ رڪاوٽ بڻبي آهي ۽ ماربو به انهيءَ شخصي انا ۽ خوديءَ کي آهي.

صوفين وٽ علم ۽ ادراڪ، هڪ متحرڪ قوت وانگر هوندو آهي، جنهن جي ذريعي هو ڪجهه فضيلتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش وٺندو آهي، مجاهدا ڪندو آهي، ساڳئي وقت ڪجهه فائدا عطا الاهيءَ سان به ڪيس حاصل ٿيندا آهن.

خيال ڪر ڪو خيال ير، تيءَ خيال تي خاطر جمع،
خيال وارا! خيال ان مون، پس خدا وند ذوالجلال.

پلا زماني سان هلندڙ، ظاهر زيب رکندڙ، ڏيک ويک لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ، علم ۽ عقل جو گهمنڊ رکندڙ، جاهه جلال جو شوق رکندڙ، اقتدار پرست، خود غرض ۽ عاشقن جي انجمن مان مستجاب نہ ٿيندڙ ماڻهوءَ کي ڪهڙي بشارت ملندي!

جيڪي مسڪينن جي ماڙ لاءِ پڇيرو ۾ گهمندا هجن، بنگلن ۾ رهندا هجن، ڪتن ۽ گهوڙن پالڻ جي شوق ۾ پئسو وهائيندڙ هجن، بندوقن ۽ ڪلاشنڪوفن سان گارڊن جي پهري ۾ رهندا هجن، انهن کي عشق جو درس ڏيندڙ ماڻهو پلا سست، ڪاهل ۽ قنوطي نظر نہ ايندا تہ ٻيو ڇا نظر ايندا.

جڏهن تہ فقير درويش پنهنجي فنائي حال ۾ ايترا مست ٿين ٿا جو اهڙن غير گمان آٿيندڙن تي ميار رکڻ بدران وري بہ پنهنجي اندر کي اجاريندو رهڻ جي تلقين ڪندا آهن:

اها" مسرور" رندن جي، وٺي"مت"روح ير رڙهہ تون،
جئن هو دم بنا، ڪُلي ٻيو ڪم، دم قضا ڇاٿن.

وسعت نظري يا روشن خيالي ، جنهن کي اڄڪلهہ جي زبان ۾ ترقي پسندي بہ سڏ جي ٿو، اهو بہ خود هڪ" عمل" جو خطاب آهي، پر جيسين پاڻ کي گهٽ نہ ڪبو تہ ٻئي کي سٺو ڪيئن ڄڻبو. وسيع نظر تہ ٿبوئي تڏهن جڏهن تنگ نظريءَ کي ترڪ ڪبو. ۽ صوفيءَ کي اهو ئي عمل قبول آهي جنهن سان هو پاڪ ڏسڻ، پاڪ سوچڻ ۽ ٻڌڻ، پاڪ چکڻ، پاڪ چکڻ ۽ پاڪ ڳالهائڻ جو فرض نباهي سگهندو آهيَ، ان ڪري هن جي محبت جو دائرو بہ تمام وسيع ٿي ويندو آهيَ.

جوئي رب رحيم، ساڳيو سوئي رام،
انهن اکرن ۾ اڙجي، ڪي طالب پيا تمام،
ڪل شي هو الله، "مسرور" پروڙج مام،
خلق الانسان في احسن التقويم، اهو ڇاڻي ڇا عام،
صوفيءَ جو سلام، آهي هندو مومن سان هڪڙو.

صوفي، سموري انسان ذات سان ذات الاهيءَ جي ونحن اقرب هئڻ جو قائل هوندو آهي ۽ انهيءَ جي يقين سان گذاريندو آهي ۽ نينهن جي انهيءَ ڀرپور نشي ۾ ڇٽي ويهندو آهي:

ڪافي (اردو)

نشي مين جو زاهد، هم ديکهتا هون،
قسم کبريا، شه، امم ديکهتا هون.

•

بظاهر هون غافل، نشي مين مگر،
بہ بيدار آنکهين، صنم ديکهتا هون.

هين بند آنکهين تو، کيا ديکهتا هون،
مدائن کا باغ - ارم ديکهتا هون.

يقين گر نهين هي، تو لي لو ذرا يہ،
تجهي وه دکهائون، جو هم ديکهتا هون.

بلي! آج "مسرور" سرپر تمهاري،
بيدل کا لطف وکرم ديکهتا هون.

هيءَ بہ حلاجي حال آهي جو ملڪ دلين جو لٽائڻ لاءِ حسن هزاري هوڪو ٿو ڏئي تہ مسرور فقير جي ٻولي بہ پر ڪيف ٿي وڃي ٿي:

ڪافي

حيرت جو لڪ لنگهيا سي، پيو حال همہ وارو،
اڃي بحر اُن ۾ پياسي، ڪنڌي نہ جنهن ڪنارو.

پيڙي جا ٻاجهہ واري، اڃي اوڄتي پهاري،
سهجون ڪري سواري، پاڻيءَ جو ڪيم پسارو.

جاڏي جو نظر ڏرجي، پاڻيءَ بنا نہ پسجي،
ڦوٽو لهر مان ٻڌجي، ناهي لهر ناڻ نيارو.

حاصل ٿي ٿئين حياتي، موٽي نہ جنهن مماتي،
ظاهر ٿيو نور ذاتي، هن سٽر منجهان سارو.

جهاڳي بحر چڙهياسي، ڪاهي ڪين تي رسياسي،
اتهون اڳي هلياسي، هٿي نينهن جو نغارو.

لنگهي بي خوديءَ جو بندر، جت جم نہ ڪو جماندر،
سڀ سٽ ۾ ٿيو هي سرُ، مورت جو ويو مونجهارو.

ٿيو حال هيڪڙائي، "مسرور" وئي ٻي وائي،
جاچي ڏٺو مون جائي، ڪامل آهيان قرارو.

ناسوت واري"مان" جڏهن ترڪ ڪجي ٿي ۽ عقل جي دامن تي عشق جي اوڻي ڏجي ٿي تہ لامحدود ادراڪ /فهم يا ساجاهہ جي سرڪ پيئڻا ريندڙ"خيال". ساهن ۾ سمائجي وڃن ٿا ڏيان ۽ گيان. حد لاحد تائين پرواز ڪرڻ لڳي ٿو ۽ حجاب دور ٿي وڃن ٿا ۽ صنم جي هر ڳليءَ، هر صورت جا وحدتي ڪثرتي سٽ ٿين ٿا.

حيرت جي مقام تي پهرين جڏهن فقير مسرور چيو:

ڪافي

ميان عاشقا ڪير تون آهين؟

ڪڏهن ڪافر، ڪڏهن گبر، ڪڏهن قاضي ڪوٺائين،
فتويٰ ڏيئي سوريءَ تي، شاه منصور چڙهائين.

پنهون پاڻ ٿي يار، سسئي جهنگ رلائين،
ڪتي ٿو چوائين چاڪ، ڪتي رئيس سڏائين.

شاه حسين کي ڪربل ڪوني، قربئون قتل ڪرائين،
شاه حسن کي پنهنجي هٿان، پرتئون زهر پلائين.

ڪڏهن تہ اچي" مسرور" سان، لنوڙي تون ٿو لائين،
ڪڏهن تہ "بيدل" نانءُ سڏائي، باري بره بجائين.

ڪافي

عشق جي راه اٿائي ڏاڍي، طالب ترڪڻ بازي تي.
حق حقيقي منزل جي، پوڙي عشق مجازي تي.
رهت انهيءَ ۾ راز جا واقف، عجب خيال ايازي تي.
هادي بيدل، مرشد ساڳيو، داتا درس درازي تي.
ساڳي، شمس، عطار اهوئي، بسطامي شيرازي تي.
وحدت وارو ويسهہ رک هک، پيو سڀ ڪوڙ ڪسازي تي.
عين الله "مسرور" تون ڄاڻج، غير وڃون ڪيدي غازي تي.

آخرڪار جڏهن سندس دل گهريا ديدار ٿيا ۽ حيرت جا لڪ لنگهي پار ڪيائين ته مرشد راه هدايت کي مڃيائين.

دائم قائم قرب قرارو، ڪعبه قبلي گاه، هادي بيدل شهنشاه.

روهڙيءَ فرشي وڃائي گادي، موڙ ٻڏي سر ويٺو هادي،
تي وئي ملڪان ملڪ منادي، واحد وجهه الله.

آدم شيث ايوب اهوئي، يحيٰ نوح يعقوب اهوئي،
احمد مهدي خوب اهوئي، اولي منجهه الله.

شبلي شمس عطار اهوئي، درس علي ديدار اهوئي،
هر جا جلويدار اهوئي، سڀ جو ساهه پساه.

شاهنشاهه شهباز اهوئي، دولهه شاهه دراز اهوئي،
خفي جليءَ جو راز اهوئي، فائق فيض درياه.

نار خليل ۽ باغ بهاري، طُور تجلي حسن هزاري،
ڪيول ڪرشن شيام مراري، سائين سورج ماه.

جوڙ جڳت جي پاڻ ٻڻائي، هر جا پنهنجو حڪم هلائي،
سڀ ۾ ويٺو پاڻ سمائي، پهري قرب ڪلاه.

ڪارج سڀ جا پاڻ سنواري، پاڻ سنواري پاڻ سڌاري،
ٻوڙي توڙي پار اڪاري، ٻاري بيپرواه.

ظاهر بندو باطن مولا، نوان نوان نت پهري چولا،
ڪڏي وجودئون وهم وڃولا، آيو عاليجاه.

هادي حق"مسرور" مليو آ، پول پيو سڀ دل جو پليو آ،
خيال خدائي خوب کُليو آ، آندو ٿم ويساه.

مدح ستگرو

سائينءَ جي سوکڙي

ستگرو(1) گرديو(2) داتا، (3) شاهه مون شرڌا(4) پڇاءِ،
ڪو پلائي پال پنهنجو، داد ڪر درسن(5) پساءِ.

الف: اڏينن(6) ۾ ابوجهن جا، اجها آڌر(7) گرو،
وڏو ڙا(8) ويجها ولهن(9) جا، رهنما رهبر گرو،
بي وسيلن جا وسيلا ڪر سگهو واهر گرو،
آڳ اندر جي اڃي، هيءَ آسنا(10) واري اجهاءِ،
ستگرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

اي: ائين ئي مون وڃائي، عمر پاپن ۾ پئي،
هاڻ تو پڇتائيان، هي هو ويا هٿ مان بئي،
ڪر اچي ڪرپال(11) ڪرپا(12)، ڏاڻ(13) ڏاتر لڳ ڏئي،
بخش بديون اڳ ڪيل، اڳتي برائين کان بچاءِ،
ستگرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

---

(1)ستگرو= ڪامل مرش. (2) گرديو=رهنما، رکپال. (3) داتا=ڏاتار. سخي. (4) شرڌا=اڇا، خواهش، ايمان(5) درسن=درشن، ديدار.
(6) اڏينن=محتاج، مسڪينن هيڻن. (7) آڌر=آڌار، سهارو. (8) وڏ وڙا=وڏيون مهربانيون ڪندڙ. وڏا پال پلائيندڙ. (9)ولهن=بي وسيلن، نڌڪن، (10) آسنا= ڪامنا. (11)ڪرپال=ٻاجهارو. (12) ڪرپا= ٻاجهه، ديا.
(13) ڏاڻ=دان، خبرات.

او: اري (1) اهڙي ۾ آڻي، موهہ (2) اٽڪائي وڌو،
ٿي پيس ڪامي (3) ڪروڌي (4)، لوڀ لڙڪائي وڌو،
چار ۾ اهنڪار (5) جي، هٿ هوڏ هرڪائي وڌو،
ماڌوا (6) مڪتي (7) ڏيو، اڳتي نہ ڪنهن اڙ (8) ۾ اڙاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهہ مون شرڌا پڇاءِ.

سا: نست (9) مان ست (10) تون ئي ست، ستنام (11) تنهنجو نام ست،
سرو آنند (12) سرو وياپڪ (13)، شام (14) تنهنجو نام ست،
ست سري (15) اوتار (16) وشنو (17)، رام تنهنجو نام ست،
مون ستايل جو وسيلو، ڪو نہ آهي تو سواءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهہ مون شرڌا پڇاءِ.

ها: هلي تاڙي (18) هوس (19) ۾، هٿ نہ ڪجھہ آيو هري (20)،
ڪوڙ پاپن ۾ پئي، ڪارو ڪيم ڪايو (21) هري،
هت هٽان هءِ هءِ ڪري، گهرجي سنڌءِ سايو هري،
هت مٽان هيٺيءَ ڏري تون، پنهنجي هلنديءَ سان هلاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهہ مون شرڌا پڇاءِ.

ڪا: ڪيان ڪيئن ڪال پي، آيو ڪِ آيو درِ کهي،
ڪو چگهو ڪم نا ڪيم، چا هو ڏسي واچي وهي،
ڪوپ (22) راجا ڪال (23) جو مان، ڪيئن سگهان سائين سهي،
ڪين ڪي ان ڪان ڪنبان، مون ڪان ڪرم اهڙو ڪراءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهہ مون شرڌا پڇاءِ.

---

1) اري=شڪنجي. اري ۾ آڻي=شڪنجي ۾ ڦاسڻ. (2) موهہ=ڪشش (3) ڪامي=شهوتي، نفس پرست. (4) ڪروڌي=ڪاوڙيل، چيڙاڪ. (5) اهنڪار=آپو، تڪبر. (6) ماڌوا=متوالا. (7) مڪتي=ڇوٽڪارو. (8) اڙ=مشڪل. (9) نست=نيست، عدم. (10) ست=سچ. (11) ستنام=سچو نانءُ. (12) سرو آنند=سڄوئي سک، نسورو آنند. (13) سرو وياپڪ=هر جاءِ حاضر ناظر. (14) شام=ڀڳوان. (15) ست سري=سڄي سر وارو. (16) اوتار=ايشور جو انساني جسم ۾ ظهور. (17) وشنو=رکيا ڪندڙ سنڀال ڪندڙ. (18) تاڙي=کجيءَ جو رس، نشي لاءِ استعمال ٿيندڙ رس. (19) هوس=شهوت. (20) هري=ايشور، ڀڳوان، برهما. (21) ڪايو=شيشو، دل، من جي اوجلتا. (22) ڪوپ= ڏمر، ظلم. (23) راجاڪال=ملڪ الموت

ڪا: ڪري(1) مَنَ مون، ڪاري ڪيو ڪيدو(2) خراب،
جنهن تَپائي تار تن جي مفت ڪيڙو مهٽي هاب،
تنهنجي ڪميا(3) ساڻ ڪن (4) ۾، ڪر ٿيا ڪلمڪ گلاب،
ڪير(5) تون هن ڪنّپٽي(6)، هُرڪر(7) هنئين ڪر(8) جي ڪُنّاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

گا: گناهن جي لڳي گَرُ(9)، جڳ سڏي گنجي گري(10)،
آئون تان گوپال(11)، گولي، تو سندي ڪوٽي ڪري(12)،
هڪ نگهه سان تنهنجي گرڌر(13)، ڪجهه رهي نا گر ذري،
گل جيان گل ٿل ڪري گَر(14) پنهنجي سنگت سان گڏاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

گها: گهران گهنشام(15) توڪان، گهرج جنهن جي آگهٽي،
گهورجي تو تان وڃان، سر ساهه گهر گهوري ڏٽي،
گهير گهٽ گهٽيون گهمي، گهر گهر ٽڪس هڪلون هٽي(16)،
گهوم ڪان پيڙم ٻُگيان(17)، بس گهوٽ پنهنجي گهر گهراءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

---

(1) ڪري=خراب ٿي. (2) ڪيدو=ڪيچلو. (3) ڪميا=ٻاجهه، بخشش. (4) ڪن=پل، پلڪ. (5) ڪير=پيدائش، بنياد (6) ڪنّپٽي=ڪنّراڳ ڪندڙ، گهپير. (7) هرڪر=هورا ڪورا، آنڌ مانڌ. (8) ڪر=ڪريل. (9) گر= مَرُ، گندگي، غلاضت. (10) گنجي گري= لُچي، گندي. (11) گوپال=ايشور، ڌڻ جو رکوال. (12) ڪوٽي ڪري=ڪوڙي سچي. (13) گرڌر=ايشور جو نالو، ڌرتيءَ جو بادشاهه. (14) گر=ايشو. (15) گهنشام= ايشور جو نالو (16) هڪلون هٽي=آواز ڏئي، سڏ ڏئي. (17) ٻگيان=پيرن ۾ پيل زخم

ڳا: رڳڻ (1) اهڙي وڃان، پوتي پراڻي ڏي رڳي،
رڳَ ڪ راڳا (2) رس ڏسي، جئن جڳ چوي، جوڙي ڄڳي،
تون ڪرين سائين سدا، لائق (3)، متان لائي (4) لڳي،
هڪ لڳا (5) هن پچ لڳيءَ (6) جي، لڳَ لٽي (7) ڪي رڳَ لاءِ،
ست ڳرو ڳرديو داتا، شاهه مون شرڏا پڄاءِ.

چا: چئن چوڪن وِڃان، توڪي چِٽي چُوندي ڪنيم،
تنهنجي مَهما (8) مٽ نہ ڪوئي، چو طرف جاچي ڏٺم،
چاڪريءَ لاءِ چَرن (9) چانئِٺ، ڪي چمي چاڪر ٿيم،
چوڪندين جنهن جو لڳي چرچو، اها چَوٽي چواءِ،
سَت ڳَرو ڳَرديوَ داتا، شاهہ مون شَرڏا پُڄاءِ.

ڇا: ڇپر (10) ۾ ڪين ڪي تون، هيءَ ڇني ڇوري ڇڏج،
ڇن (11) پراڻو ءِ ڇڳل هي، ڇتر (12) ڇوهَن (13) ڪان رکج،
ڇا نہ ڇا ڇُلجي متم، سو ڇرڪ (14) ڇوليءَ جو نہ ڏج،
ڇينپ سان (15) ڇن ۾ (16) ڪٽي ڇيهن (17) ڪنان سائين ڇڏاءِ،
سَت ڳَرو ڳَرديوَ داتا، شاهہَ مون شَرڏا پُڄاءِ.

---

(1) رڳڻ= ڪپڙو رنگڻ. (2) راڳا=(مخاطب) رنگ ڪرڻ وارا.
(3) لائق=(مخاطب) لياقت وارا. (4) لائي=ڪسي، مڏي(لڳي= اگهي. لڳو
لڳو=ڪسو، اگهو) (5) لڳا=ڀيري، گهمري(6) پچ لڳي=پناري پيل. (7) لڳَ
لٽي=بدن الٽي=ڪپڙي) جسم توڙي تن تي پيل ڪپڙي. (لڳَ لٽي ڪي رنگ
لائڻ=تن من کي صاف ڪرڻ. (8) مهما=دوا، ڀڳل هڏن کي ڳنڍڻ جي دوا.
(9) چرن= قدم، پير. (10) ڇپر=جبل، ڏونگر. (11) ڇن=ڇنو، جهوپڙي.
(12) ڇتر=ڇت. (13) ڇوهن=تيز طوفان (14) ڇرڪ=ڊپ (15) ڇينپ
سان= اڪ ڇنپ ۾ (16) ڇن ۾=گهڙيءَ ۾. (17) ڇيهن=نقصان

جا: جياري دل مـُئي مـُنهنجي، ڏيو جـَپ ُ(1) نامَ (2) جو،
جئن جَـپي(3) جـڳديش کي، ساکـي(4) ٿيان سترامَ (5) جو،
جـُڌ (6) کري اَرجن(7) جـيان، اُپڪارُ(8) ڪريان عامَ جو،
نانءَ جس(9) جـڳ ۾ رهي، جـئن جوت(10) ڪا اُهڙي جـڳاءِ،
ســَت گـُرو گـُرديو َ داتـا، شاهــ مون شـَرڌا پـُڄاءِ.

جها: جهلي مان نا سگهان، جهولا جهڪان(11) ڏکڙا ڏجها،
تـون جـُهلي جهولي(12) ڪنان، ڏي امن عـالم جا اجهـا،
هـي جهجـڻ جهـوري مـٺـائي، دان ڏي داتــا جهجهــا،
مون کي جهوليءَ ۾ جهلي جهامن(13) وري جـُهولي جـُهلاءِ،
ســت گــرو گرديــو داتـــا، شـاهـ مــون شــرڌا پڄـــاءِ.

ڇا: مجي منت تون پارس، پاڻ لوهـي سـان سـڄين(14)،
سچ وچان ٿي سا وسنو، جنهـن واٽ سان سائين وڃـين،
مان سچي، سائي ٿيان، پيرو نہ تون مون ڏنهـُـن پڇـين،
ٿي پوان مان پاڻ پارس، جـست مـَـٺ (15) مون مـان وڃاءِ،
ســت گـــرو گرديـــو داتــا، شـاهـ مـــون شـــرڌا پڄـــاءِ.

---

(1) جـپ=ورد، جـاپ. (2) نـام=نـالو، جنهـن جي چـوڻ سـان مئـل دل زنـده ٿئي. (3) جپي= پوڄي. (4) ساکي=گواهه، شاهد. (5) سترام جو=سچي ڀڳوان جو. (6)جڌ=جنگ. (7) ارجن= پانڊوَ ڀائرن مان هڪ جو نالو، سورهيہ.
(8) اپڪـار=ڀلائـي، شـيوا. (9) جـس=نـاموس، عـزت ۽ آبـرو. (10)جـوت= روشني، همت. (11) جهولا جهڪان=جهولا= گرم تيز هوا، جهڪـان /جهڪـون، مٽيءَ جـا تيز طوفـان. (12) جــُهلي جهولـي=گهلنـدڙ تيـز گـرم هــوا. (13) جهامن=ايشور، برهما. (14) سڄين=مصـدر سڄڻ=لاڳاپڻ، عطا ڪـرڻ. (15) مٺ=ڪس، ملاوٽ.

ٿا: ٿنور(1) کليون کڍي، ٿانگر ٻـ هت ٿهڪي پئي،
رس ڀـري(2) رابيـل ريحـان، ۽ رتـن مرڪـي پئي،
تنهنجي سائي سپ ڪا ٿاري، ٻُور(3) سان ڀهڪي پئي،
منهنجي هن ويران وستيءَ کي بـ گـل گلشـن بناءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاهـ مـون شـرڌا پڄـاءِ.

ٺا: نهي ٺو ڪين ڪي، ٺاڪر جو مون سان ٺاهـ ڪو،
سڏ ڪري ساٺو ٿيس، سـڏ نـا سٺي بي ساهـ(4) سو،
ٺيڪجـي بينـس ٺلهـو، گهـر ۾ قـران گمراهـ ٺـو،
منِ وسي ٺـاڪر جو منهنجي، ٺـاه ڪـو ان سـان ٺهاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاهـ مـون شـرڌا پڄـاءِ.

ڏا: ڏيـاري(5) ڏيهـ پنهنجي، جـي مـون کـي ڏيڪـاريو،
ڏيـل منهنجي مـان کـڍي ڏک، کـا بهـاري ڏيـاريو،
مهـر وارا مهـر مـان، منهنجـو اڇـي مـن ٺـاريو،
نـت وسـين مـون سـاڻ گڏوڏ، ڏور نـا مـون کـان ڏسـاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاهـ مـون شـرڌا پڄـاءِ.

ڍا: ڍڪر(6) ڍونڪا(7) اڇن، ڍرڪي(8) پوان پنـتي ڍري،
هـن ڍرائيءَ(9) ڍِلِ ڪيـو، مـون کـي پـري توکـان هـري،
ڍِڪ ڍڪين ڍڪجـانءِ، اگهـاڙي آئـون تـان عيبـن ڀـري،
ڍرَ(10) وجي، ڍڪيـل(11) رهـان، پوتي اها ڍولڻ ڍڪاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاهـ مـون شـرڌا پڄـاءِ.

---

(1) ٿنور=گل. (2) رس ڀري=گل جو قسم. (3) ٻور=ميوي ٿيڻ کان اڳ ۾ وڻن ۾ سنهي داڻ داڻ. (4) بي ساهـ=بي جان. (5) ڏياري=خوشي، روشني ۽ ڪاميابيءَ جو ڏينهن، هندن جو وڏو ڏڻ. جنهن تي ڏيا ٻاري تمام گهڻي روشني ڪئي ويندي آهي. (6) ڍڪر=غشي. (7) ڍونڪا=ننڊ جا جهوٽا، گهيرٽ. (8) ڍرڪي=بيهوش ٿي. (9) ڍرائي=ڍلائي، سستي، ڪاهلي. (10) ڍر=ڍل ٿڌائي. (11) ڍڪيل=پناهـ ۾.

ٺـا: نـہ ڇاڙـان يـا سـڃاڻان، شـاھ مــون شـيوا ڪـرڻ،
آرتيءَ(1) جو ڪـو نـہ مون ۾، انـگ (2) ڪـو آهـي لـڇـڻ(3)،
ڪنٺ رس(4) بـي ڪـا نـہ آهي، دانهـن ڀـي بيـدرد پـڻ،
سُـر مـدر مرليءَ وڄـان، ڪـو سـر سـڃاڻـڻ جـو سـٺاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاھ مـون شـرڌا پـڄـاءِ.

ٺـا: تپـائي تــو طلـب جـي، تـار تــن واري تمـام،
تـات تنهنجـي رات ڏينهـان، آ هـري هـر گـام گـام،
تـون ملين تائي(5) لهي، مان سک وسان(6) سائين مدام،
تـنـد ريءَ جـي تـار آ، ان تـار پنهنجـيءَ سـان تڳـاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاھ مـون شـرڌا پـڄـاءِ.

ٺـا: ٺـڪـل اڳ ئـي وري، ٺـورڻ(7) ٻيـا هـي ٿـر ٿيـا،
هـڪ ڏڪـي ڏيـري(8) ٻيـو، ڏورڻ (9) ٿيـان ڏونـگر ٿيـا،
ٺـاڪ(10) نـا ٺڪـجي ڏيـان، جـت ٺـوهـ(11) ۽ ٺـوهر ٿيـا،
ٺـانَ(12) تَـنهنجي ۾ ٿيان، ٿـر(13) ۾ نـہ پرمون کي ٺڪـاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاھ مـون شـرڌا پـڄـاءِ.

(1) آرتي=پوڄا (ٿالهيءَ ۾ پنج مکيو ڏيئو ٻاري، ٿل رکي ديوتا اڳيان ڦيرائبي آهي) (2) انگ=طريقو. (3) لڇڻ=گڻ، ڏانءُ (4) ڪنٺ رس=نڙي مان نڪرندڙ آواز. سريلو آواز. (5) تـائي=اڄ. اپس. (6) سک وسـان=(محـاورو) سک وسڻ=سهنج ۽ آسودگيءَ سان گذارڻ. (7) ٺورڻ=جهاڳڻ، (ٿر ٺورڻ = (محاوري) واريءَ جـو پنـڌ جهـاڳڻ. (8) ڏکـي ڏيـري=سـورن جـي سـتايل، نبـل ۽ ايري. (9) ڏورڻ=ڪنهن شيءِ جي پٺيان ڳولها ۾ رلڻ. (10) ٺـاڪ=مـنزل، ماڳ (ٺاڪ ڏيڻ (محاورو)=دم ڏيڻ، پراڻ پورا ڪرڻ. (11) ٺوهـ=ڪنڊن وارا وڻ. ٺوهر (12) ٺان=جاءِ، هنڌ آستان. (13) ٿر=ريگستان، رڻ.

ڊا: ڊپائي ٿو ڊيالو[1]، ديو [2] صورت جو دجال[3]،
دم دم دڙڪا ڏئي، چاهي ڪرڻ جنگ و جدال،
شَر[4] ان جي کان ڊڪي، وٹ منهنجي سنگت ۽ عيال[5]،
جو ڊپائي در چڙهي ان کي دسي[6] دولهه [7] ڊپاءِ،
ست گرو گرديو داتا. شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

ڏا: ڏرت[8] توڙي پوان پر، ته به ڏرم جي جهءِ[9] ٿئي،
پاپ [10] ۽ پاکنڊ[11] جو، پرچار پريو[12] ڪهءِ [13] ٿئي،
ڏم لڳي دل جي ڏکڙ[14] جي، تار سر ۾ لهءِ[15] ٿئي،
ڏڄ[16] وڏي ڏن ڏن[17] وڏي، من ۾ نه پر مون کي وڏاءِ،
ست گرو گرديو داتا. شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

نا: نيارو ننگ پرور[18]، نام تنهنجو نرملو[19]،
مون نماڻي ناستڪ[20]، تون وڏو ئي پرجهلو،
نامور نيهي [21] ڪرين تون، واٹ ويندن جو پلو،
مون نماڻي کي نوازي، نينهن جو ناتو نڀاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڇاءِ.

---

(1) ڊيالو= (مخاطب) ٻاجهارا، ديا وان. (2) ديو=شيطان. (3) دجال=ٺڳ، مڪار (چوٽي آهي ته قيامت کان اڳ ۾ اصفهان مان هڪ ڪاڻو شخص پيدا ٿيندو ۽ دنيا وارن کي اهڙا مشاهد ڏيکاريندو، جو ماڻهو سندس طرفداري ڪرڻ لڳندا. (4) شر=شرارت. (5) عيال=ٻارٻچا. (6) دسي=ڪيرائي.
(7) دولهه=بهادر. (8) ڏرت=ڏرتي. (9) جهءِ=جيت، سوڀ. (10) پاپ=گناهه. (11) پاکنڊ=مڪر، دولاب. (12) پريو=ايشور. (13) ڪهءِ =دور. (14) ڏکڙ= طبلو. (15) لهءِ=وزن، تال، چس، مزو. (16) ڏڄ=سونهن. (17) ڏن ڏن=ڀاڳ سڀاڳ، شهرت. (18) ننگ پرور=ننگپال، سار سنڀال لهڻ وارو. (19) نرملو=پوتر، سرل، خالص. (20) ناستڪ=ملحد، خدا جو منڪر. (21) نيهي=نينهن وارو، ڪوڏيو. ناز ڪڻندڙ.

پا: پيالو پريم رس(1) جو، پر ڪري پرتئون(2) پيار،
قرب ڪر ڪوئي، ڪلنگي(3) ڏر(4)، مون کي ماري جيار،
پڻ اتان واري ڪٽي، تون سيج(5) سڪپت (6) تي وهار،
پاند(7) منهنجو پر تون پريو، ٻي جي در تان نا پناءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڄاءِ.

ڦا: ڦرڻ ڦيري(8) جنم جو، ڦر(9) ڪري ڦرٽو اٿم،
نيٺ هڪڙي ڏينهن هي، پانڊو(10) پڄي پرٽو اٿم،
هي وري مانک جنم(11)، موٽي نه ڪو ملٽو اٿم،
ڪنهن ڪرم سببان مون کي، ڦيري ڦڏي ۾ نه ڦساءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه شرڌا پڄاءِ.

ٻا: ٻڌڻ تي آهي ٻيڙو، ٻاجهه ٻاجهارا ڪيو،
ٻاجهه جون ٻانهون ڏئي، پر ساڻ سويارا ڪيو،
ٻيٺ ٻهه ٻهه ٻُوهه ٻوڙا، باغ پر وارا ڪيو،
جنهن ٻُڌي ٻنڌن(12) ٽٽن، ٻولي اها ڀڄڻ ٻڌاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڄاءِ.

---

(1)پريم رس= محبت واري مئي. (2)پرتئون=پرت منجهان. (3) ڪلنگي= ڇٽ، تاج(4)ڏر=پاءِ، رک(5)سيج=پلنگ. (6) سڪپت=آنند واري ننڊ. (7)پاند=جهولي (پاند پرڻ=مرادون پوريون ٿيڻ) (8) ڦيري=جنم جو ڦيرو، جوڻ، اواگون (هندن جي عقيدي موجب مرڻ کان پوءِ ٻئي جسم ۾ جنم وٺڻ) (9)ڦر=ڀيهر، پنر. (10)پانڊو=بدن، هڏن جو پڃرو. (11)مانک=انساني. (12) ٻنڌن=ٻند، ٻندشون، جسمي خواهشن جا پيچ.

يا: يـُـلي جا ياڻ (1) آئـي، سا بـہ نـا چئبـي پلـي،
مـان بـہ پيـريءَ (2) ۾ پيس، تـو در اچـي در رلـي،
هاڻ تنهنجي نانءَ ساجن، مان ويس جڳ ۾ هـُـلي (3)،
عيب اوڳڻ (4) كيـن ڏس تـون، پـال كـو پنهنجو پـلاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاهه مـون شـرڌا پڄـاءِ.

ما: ملي مهما اها جا، مـن سندي ممتـا (5)، مـَـٽي،
ٻل (6) اهو ٻلديو (7) ڏي، جنهن كان نہ مَلهه هي من كٽي،
هوڏ هٺ اهنكار (8) جو، هيبت (9) كنان لشكر هٽي،
جڙ (10) وجي، چيتن (11) ٿيان، منهنجي اها چنتا (12) مٽاءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاهه مـون شـرڌا پڄـاءِ.

يـا: سـجايا ثـاب (13) سـيئي، مـون سـندا سڏڙا ٿين،
تنهنجـي نـارائڻ (14) نظـر سـان، درد دک دل جـا لهـن،
جـي سـتايل سـوز دل مـان سـك ركـي توكـي سـڏن،
تـن سـندا سـڏڙا سـٽي، وهلـو (15) وري وارو وراءِ،
سـت گـرو گرديـو داتـا، شـاهه مـون شـرڌا پڄـاءِ.

---

(1) ياڻ=ماڳ، وٿاڻ. (2) پيري=پڌاپو. (3) هـُلي=مشهور ٿي. (4) اوڳڻ=خراب لڇڻ. (5) ممتـا=موهـ، ڇڪ. (6) ٻل=طاقت. (7) ٻلديو=(مخاطب) طاقتوارا، ٻلوان. (8) اهنكار=تكبر، غرور. (9) هيبت=ڌڪـاءُ (10) جڙ = پاڙ، بنياد. (11) چيتن=سـچيت، هوشيار. (12) چنتا=ڳڻتي، فكر (13) ثـاب =قبول (14) نارائڻ= وشنو ڀڳوان جو صفاتي نالو. (15) وهلو=جلد، ترت.

را: رلي راوڻ (1) ڪان منهنجو رام (2) تون رڪشڪ (3) رهين،
مون سان همت جو هنومان (4)، مهر مان مددي ڏئين،
ڪا نه ڪا رنچڪ (5) رهي، جي تون مٿم راضي ٿئين،
ريجهه (6) وارو راز (7) رک، رڻ ۾ نه پر مون کي رلاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڄاءِ.

لا: لکيسر (8) لاٿقن پريو، لکي (9) تون لاجپال (10)،
منهنجي آسن جو سڪل وڻ، تون ڪرين نو نو (11) نهال (12)،
لوهه مان، نڪمو نڪارو، تون لالون لال لال،
لال مان لالڻ ٿيان جيئن، لنوَ اها مون ساڻ لاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه مون شرڌا پڄاءِ.

وا: وڏي آ ورڪنڊي (13) هي، ساڪنا (14) سچ تو سندي،
واڻ (15) جي ويڙهي سوا، ٻي ٿي وئي آ ڳت بندي (16)،
ٿي وِسو (17) واٽو (18) ويو، واپس ڪٽي ڪرڙو (19) ڪنڌي (20)،
اهڙو مون قرضيءَ جي ڪاغذ، ۾ قلم ٻي ڪو وهاءِ،
ست گرو گرديو داتا، شاهه موز شرڌا پڄاءِ.

---

(1) راوڻ=دشمن، لنڪا جو حاڪم، جيڪو سيتا کي زوريءَ کڻي ويو هو.
(2) رام= ڀڳوان، شري رامچندر. (3) رڪشڪ=رکوال (4) هنومان=نيست نابود ڪندڙ، باندرن جو سردار. (5) رنچڪ=رندڪ، رنج غم. (6) ريجهه=قرب ڪچهري. (7) راز رک = همراز ڪر. (8) لکيسر=لک لهندڙ.
(9) لکي=لاڪيٽو. (10) لاجپال= لڄپال، سار سنڀال لهڻ وارو. (11) نونو=نئون نئون (12) نهال=سرهو، خوش، گدگد. (13) ورڪنڊي=ورو ڪڙ. (14) ساڪنا=شاهدي، خاطري. (15) واڻ॥ميج جي نوڙي، اهنج. (16) ڳت بندي॥اجائي ڪوشش. (17) وسو= حيران. (18) واٽو=ڀٽي، ڀاڳو. (19) ڪرڙو=حساب جو ڪتاب، جنهن ۾ چندي چيري جي فهرست هجي. (20) ڪنڌي= اوڌر.

ڙا: مهڙ (1) مون ڏي مڙيائي، ڪا نہ ڪا توڏي مهاڙ (2)،
وڙ (3) ڪري ڪاوڙ ڇڏي، سائين سگهو ڪر منهنجي ماڙ (4)،
سَرن (5) آئي جي لڄا (6) رک، عيب نا منهنجا اگهاڙ (7)،
ٻل ٻُڌي (8) جس جوت پورن (9)، ياڳ منهنجي ڪي پڙاءِ (10)،
ست گرو گرديو داتا، شاهہ مون شرڌا پڇاءِ.

ماڌوا (11) "مسرور" مان بيڪار بڪيو بي وڙو،
تون اجهو آڌر گرو، منهنجو وسيلو وڏ وڙو،
تون پريو پندار پريو، آئون پينگيو (12) پورڙو (13)،
پورڙو، بڪيا (14) ڏئي ڪو، راس (15) منهنجي ڪي رچاءِ،
ستگرو گرديو داتا، شاهہ مون شرڌا پڇاءِ.
ستگرو گرديو داتا، شاهہ مون شرڌا پڇاءِ،
ڪو پلا پال پنهنجو، داد ڪر درسن پساءِ.

---

(1) مهڙ=منهن (مهڙ هجڻ=ڏوهہ هئڻ) ڏوهہ. (2) مهاڙ=منهن، لهڻو ليکو. (3) وڙ=ٿورو، احسان. (4) ماڙ= مدد. (5) سرن= پناري (سرن آئي جي= پناري پيل جي) (6) لڄا=عزت، لڄ (7) اگهاڙ=ظاهر ڪر. (8) ٻڌي=فهم، ادراڪ. (9) پورن=هر ڳالهہ پوري ڪرڻ وارو. خدا وند غفور رحيم جي صفت. (10) پڙاءِ= وڏاءِ. (11) ماڌوا=(مخاطب) متوالا، بينياز، بي پرواهہ (12) پينگيو=سچو. (13) پورڙو=اياڻو، ناسمجهہ. (15) بڪيا=خيرات، دان، (15) راس=رسنا، منڊل، ماندڻ. راس رچائڻ (محاورو) = خوشيءَ جي محفل مچائڻ، ڪرشن مهاراج جي گوپين سان رچايل راڳ ۽ ناچ جي محفل.

مداح

شهنشاهه بيکس سائين

شهنشــــــاهه بيکـــــس ســــٽي هـــــي انــــــايو،
پـــــــلا پـــــال پنهنجـــــو پــــالارا پلايـــــو.

تـون صاحب سہاجهو آهيـن سـردار صوفـي، سچـو رنـد رهبـر منهـدار صوفـي،
اجهـو آهيـن اڏينـن جـو آڌار صوفـي، تنهنجـو اسـم عرشـن تـي اظهـار صوفـي،
تون والي ولهن جو مختار صوفي،
کـري قـرب، صوفـيءَ جـي رنـگ ۾ رچـايو، پـلا پـال پنهنجـو پـلارا پلايـو.

کـري تـو خـدا سـا جـا توکـي وڏـي آ، تنهنجـي دسـت رس اٿ داتـا گهڻـي آ،
ڏٺيءَ جو تـون آهيـن ۽ تنهنجـو ڏٺـي آ، سچـي برهـه بـازي هـي تولـهءِ بڻـي آ،
ڪٿي راند رندي تو نعرو هڻي آ،
ڏٺـي لـهءِ ڏکيـل تـي رکـو راز رايـو، پـلا پـال پنهنجـو پـلارا پلايـو.

سنڌءِ ڪرامتون لک ڪروڙين هزارين، ڪيا تو ڪـُنن مان قاتل جنگهہ چارين،
عجب پيون عطائون خفي خيال ڏارين، خضر جان رسين ٿو تون ٻيڙا اڪارين،
لاتو ڏگ سنئين سان پـُليا جي بزارين،
کـري مهـر مرشـد سـنئين واٽ لايـو، پـلا پـال پنهنجـو پـلارا پلايـو.

جڏا روح جيارين، اذن (1) سان سوين ٿو، سدا دم مسيحا تون صاحب رکين ٿو،
ٿئي سو ائين ئي جيئن تون چوين ٿو، نہ ثاني (2) سنڌو ڪو سچڻ پيو سونهين ٿو،
مريدن تي دائم تون مشفق رهين ٿو،
کـري کـائي شـفقت سـتل دل جاڳـايو، پـلا پـال پنهنجـو پـلارا پلايـو.

ڏکيو ويس هي توشريعت سنڌو پي، سونهين تاج سر تـو طريقت سنڌو پي،
تون ماهر مجازي حقيقت سنڌو پي، تـون واصل آهيـن ويڙهي وحدت سنڌو پي،
تون آهين محو معنيٰ معرفت سنڌو پي،
مـون کـي پـي کنهيـن مـاڳ مـنزل رسـايو، پـلا پـال پنهنجـو پـلارا پلايـو.

---

(1) اذن=حڪم، فرمان. (2) ثاني=مٽ، جهڙو.

ايو ٿي ادب ساڻ ٻانهون ٻڌي مان. جهڪائي پوءِ گردن کي ويجهو وڃي مان.
ڪيان عرض تو کي تو صاحب سخي مان. نمائي نندڙ آهيان. ڪوجهي ڪچي مان.
ڇڏي در پيا آيس تو در لڪي مان.
ڪري قرب ڇن(1) ۾ ڇيهن ڪان ڇڏايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

مدد جو اي آقا اهو وقت آ. اندر ديو دل کي ويڙهيو سخت آ.
نهوڙي نيو تس هِنيو بي همت آ. مقابل ۾ ان جي ٿئي توکي مُهت(2) آ.
مهاڏي ۾ مون کي نہ ڪو ساهہ ست(3) آ.
دسي ديو(4) دشمن کي داتا دٻايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

سدا رنج غم ۾ روئان پيو رڙان مان. سڄڻ سوز سڪ ۾ سڙيو پيو سڙان مان.
اڪين جي اڙين ۾ اڙيو پيو اڙان مان. ڇڏيو ڇهين ڪان تہ تو در لڙان مان.
تنهنجي وصل ويڙهي ۾ وارث وڙان(5) مان.
مجازيءَ جي لوڏي لهر کان بچايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

شهنشاهہ بيدل کي بهر - خدا هيءَ. ڪيو منهنجي پارت پلارا پلا هيءَ.
پسان نور حق جو نظارو سدا هيءَ. پڇائج تون پرور سندم دل دعا هيءَ.
تو کي حال معلوم مڙيوئي شها هيءَ.
پيالو صفا(6) جو ڪري پر پياريو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

توکي سنهن سڪايل(7) ۽ هيري(8) سنلو پڻ. قربدار قاضي(9) ڪنيي(10) سنلو پڻ.
مان ناقص نماڻو هان ميرو منلو پڻ. اچو ڪيو الله لڳ. ڌري هيو ڏنلو پڻ.
نوازيو هي نوڪر تہ پنهنجو ٻنلو پڻ.
ٽڪيءَ ساڻ تورو لڪي يار لايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

تنهنجي هٿ ۾ آهي، سندم واڳ ساري. هلائين ڇلائين جيئن سنلوَ اختياري.
سخي پير مرشد ڪيو ڪا ستاري. پنهنجي ڏوهہ واري مون ڏيکار ڏياري.
منجهيل تو گذاريان ڏياريو بهاري.
خدارا ڪلي مونجهہ من جي مٽايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

---

(1) ڇن=پل، گهڙي (2) مهت=سوڀ. (3)ست=وت، وس، طاقت. (4) ديو=شيطان، ابليس، خناس. (5)وڙان=داخل ٿيان. (6) صفا = پاڪ، پاڪيزه. (7)سڪايل = سيد نواب شاهہ سڪايل، سرڪار بيڪس سائين جو مريد، جنهن جي مزار روهڙيءَ ۾ درگاهہ سرڪار بيدل ۽ بيڪس سائين جي اڱڻ ۾ آهي. (8) هيري= هيرو (نالو). (9) قاضي=قاضي پير محمد ولد قاضي گل محمد، متوفي 1285هجري، سرڪار بيدل سائين جو محبوب. (10) ڪنيي=ڪنيو(1863ع ــ 1917ع) سرڪار بيڪس سائين جو نظارو.

اڳي پوءِ آخر اوهان جو ئي آهيان، حجت ڪا نہ هادي تو هرگز هلايان،
سنڌوَ در جو سائين سدا سگ سڏايان، سدا درد دل کان تو ڀڄڻ ٻاڏيان،
لاهيو درد دوري، سنڌوَ پال پانيان،
ڪري وڙَ ولهيءَ سان ڪو وارو ورايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

اٿم عرضَ آسون هزارين لکين مون، پچن پلڪ ۾ سڀ اڇو جي پڪين مون،
اڃي پوءِ آرام ان پر اڪين مون، ليئو پاءِ لالڻ ڪڏهن تون ڪکين مون،
مٿئون مهر جو هٿ ڪو (1) راحم رکين مون،
منهنجي دل جي ويران وستي وسايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

صفاتيءَ (2) منجهان سير ذاتي (3) ڪرائج، نفيءَ (4) کان وري پوءِ ثباتي (5) ڏيارج،
ڪري مهر مرشد تون ماري جيارج، هميشہ حياتيءَ جو پيالو پيارج،
سڏي پر مون پاڙي تون پنهنجي وهارج،
اهو عرض منهنجو الله لڳ اگهايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

لنگهو لالچي آءٌ "مسرور" بکاري، مگان دان موليٰ ڪري نياز زاري،
وسوڙل ولهي مان آهيان وڙَ ويچاري، ڪري ڪير توريءَ منهنجي مددگاري،
رکو جوش وجدان جولان جاري،
کيو پاڄهہ ڀڄڻ ٻڌي هي ٻاڏايو. پلا پال پنهنجو پلارا پلايو.

---

(1)راحم=رحم ڪندڙ. (2)صفاتي=ڳڻ ۽ اوڳڻ واريون خاصيتون
(3) ذاتي=حقيقي. اصلي ازل کان ابد تائين قائم رهندڙ جوهر.
(4)نفي= ناڪار. انڪار. (5) ثباتي=پائدار.

حافظ شيرازي عليہ رحمت

حافظ کون هيڪلو تي، مون پنهنجي پُڇا ڪئي[1]،
قسمت ڀلا ڇا منهنجي . ڪهڙي خدا ڪئي.

مان روح پُر فُتوح [2] تي تنهنجي سوين دفعا،
دم دم درود جي شامل دعا ڪئي.

ويچار بعد ورائي، مرڪي مون کي چيائين،
سالن پڄاڻان اڄ ڙي ڪيئن تو صدا ڪئي.

بُڌ ڇنائي سان اڄ هر ڪنهين جي ڪنن ۾،
"مسرور" خبر تنهنجي، باد صبا ڪئي.

---

* حافظ: حافظ شيرازي، سندس اصل نالو شمس الدين هو سندس والد بهاءُ الدين اصفهاني هو، اتابڪن جي دور حڪومت ۾ شيراز اچي رهيو هو. خواجه حافظ شيرازي اٺين صدي هجريءَ ۾ ڄائو، پاڻ فارسي علم ادب جو عظيم شاعر ۽ صوفي ٿي گذريو آهي، سندس عمر چاهتر سال هئي. سندس لازوال فارسي ڪلام، دنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي.

(1) پڇا ڪئي=فال ڪڍي(خواجه حافظ شيرازي پنهنجي زندگيءَ ۾ ستن حڪومتن جا انقلاب، جنگين ۽ ظلم جبر ۽ عدل انصاف ڏٺا. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪلام ۾ تقريبن هر قسم جا مضمون آندل آهن. سندس ڪلام ۾ انهن دلچسپ تاريخي واقعن جي ڪري عوام ته ٺهيو پر بادشاهه به فال وٺندا هئا. سندس ڪلام ۾ آيل ڪيترن غيبي ڳالهين سبب اڄ به هرڪو حافظ جي ڪلام مان فال ڪڍي پنهنجي قلب جو اطمينان ڪندو آهي)

(2) پرفتوح=(جمع) ڪامياب.

سائين نبي شاھ وڳڻ

مان عجب ڏٺو دستور ، سائين نبي شاھ وڳڻ جو،
منھنجا مرشد سڻ مذڪور.

منھن تہ چتل شاھ جو، محبت سان معمور،
قربن وارو مرد مولائي، تازو پيو تس پور.

ٺھڪن تاريون نمون نياريون، پيريون جھلن پور،
پير متانھون پاڻ ڏٺي تون، نت وسائين نور.

وارث ولي، تو درسوالي، مرد اھو مھجور،
صدقي شاھ شھيدن جي، تنھن جا درد ڪندين دڪ دور.

آس رکي اسماعيل آيو، ھادي تنھنجي حضور،
ڪارنھن ڪس ڪل تنھن جي لاھي، مولا ڪج "مسرور".

---

*نبي شاھ وڳڻ: رتيدري (لاڙڪاڻي ضلعي) جي اتر طرف ھڪ ڳوٺ آھي، جتي ان دور ۾ سيد قلندر شاھ جيلاني بادشاھ جو وڏو حلقو ھوندو ھو. جتي ھڪ وقت ھڪ سؤ فقير رياضت ڪندا ھئا. سيد قلندر شاھ جيلاني، فقير عبدالخالق عرف غمدل فقير سائين جو مرشد بہ ھو. اھي بزرگ "فقير مسرور" جي عشق آستاني تي ايندڙ ھئا ۽ پاڻ "فقير سائين مسررو" بہ وٽن ايندو ويندو ھو. ھن ڪلام ۾ نبي شاھ وڳڻ جي ٻين بزرگن، حضرت چتل شاھ ۽ اسماعيل فقير جا نالا بہ آندل آھن. (فقير سائين احمد بخش ڪان مليل روايت).

حاجي لطيف شاھ جيلاني شڪارپور

نور- نبيءَ جو منظر، حاجي لطيف شاھ،
اڪمل عجيب انور، حاجي لطيف شاھ،

گل باغ پنجتن جو، محبوب ذوالمنن(1) جو،
سالار دين سرور، حاجي لطيف شاھ.

دربار لا ابالي، ملڪ - خدا جو والي،
آھي غريب پرور، حاجي لطيف شاھ.

روز - شمار شافي، ڪامل قريب ڪافي،
نرمل نجات جو در، حاجي لطيف شاھ.

"مسرور" غم وساري، رھ شاد دل اجاري،
دم دستگير دلبر، حاجي لطيف شاھ.

---

* حاجي لطيف شاھ جيلاني: حضرت سيد نا عبدالقادر جيلاني قدس سره جي خاندان مان ھو. 12 صدي ھجريءَ ڌاري شڪارپور اچي سڪونت پذير ٿيو. جتي ئي سندس وصال ٿيو. سندس مزار لکي در ڪان بيگاري واھ ڏانهن ويندڙ رستي تي آھي. (ـ) ذوالمنن= احسان ڪندڙ، ڌڻي تعاليٰ.

منڇر شاهه بخاري شڪارپور

سخي سرتاج عاليجاهه، شهنشاهه پير منڇر شاهه،
اڙين آڌر اجهو همراهه، شهنشاهه پير منڇر شاهه.

نبيءَ جو نور نوراني، عليءَ جو لاڏلو جاني،
الاهي سر صفي الله، شهنشاهه پير منڇر شاهه.

شريعت ۽ طريقت ۾، حقيقت ۽ معرفت ۾،
سريءَ جي سير کان آگاهه، شهنشاهه پير منڇر شاهه.

سونهين سر تاج شاهاڻ، سخن گوهر چون رندانه،
صفت بي رنگ سبحان الله، شهنشاهه پير منڇر شاهه.

سَتايل جو اچي سوالي، وڃي سو ڪين هڏ خالي،
سراسر فيض جو درياهه، شهنشاهه پير منڇر شاهه.

نه غم "مسرور" ڪوئي آ، سخي وارث وڏو ئي آ،
بخاري مرد بيپرواهه، شهنشاهه پير منڇر شاهه.

---

* منڇر شاهه بخاري: سندس اصل نالو سيد منوچهر شاهه بخاري هو، 12 صدي هجري ڌاري ايران کان اچي شڪارپور ۾ رهيو. سندس مزار جيڪب آباد ڏانهن ويندڙ رستي تي ٿي وي بوسٽر جي پويان آهي. اڄ به سندس درگاهه تي هر رات تي ڇونڪي ٿيندي آهي. شڪارپور ۾ منڇر شاهه غازيءَ جي نالي سان مشهور آهي. سندس مزار اندر هي ڪتبو لڳل آهي. "در آثار نبي مقبول، سيد منڇر شاهه سن 1147هه. رحمت الله" ڪاشيگر. هالا.

سائين امين شاهه چشتي

يا پير چشتي پارسا، والا حسب عالي مقام،
ڪو داد ڪر فرياد رس، حرمت - خير الا نام.

اولاد تون حسنين جو، وارث شهه - ڪونين جو،
پڙ مسندِ سبطين جو، لاريب تون آهين امام.

تون امير المومنين آهن معين الدين معين،
تون سچو سالار - دين، توتي صلاتون سؤ سلام.

سائل اچي جو در پيو، موٽي نه سو خالي ويو،
آ فيض تنهنجي جو ٿيو، عالم مٿان اڪرام عام.

منهنجي چلگت چال جي، بدچال بدافعال جي،
ٻي تان حقيقت حال جي، آ ماهيت توکي تمام.

آذار تون دلگير جيّ، دل ڏير تون ٻي ڏير جي،
توڪان طريقت پير جي، پارت پنان سائين مدام.

هيٺن مٿان هٿڙو ڌرين، ڪو مهر جو ڊرو ڊرين،
پرتو اتو سيني پرين، "مسرور" ميراثي غلام.

---

* امين شاهه چشتي: هي بزرگ، شڪارپور نهڻ ڪان اڳ ۾ عراق، شام ۽ عرب ڪان ٿيندو اچي هت رهيو هو. سندس مزار مختيارڪاري آفيس جي پويان ڏکڻ ۾ آهي، شهنشاهه فقير بيدل سائين جي تصنيف پنج گنج ۾ صوفي سبحان بخش (صفحي 30 تي) لکيو آهي ته بيدل سائين به، امين شاهه چشتيءَ جي درگاه تي مراقبو ڪيو آهي.

سائين ميران شاهہ شڪارپور

غريبن غمزدن جو آ، وڏو غمخوار ميران شاهہ،
اڏينن ۽ يتيمن جو، اجهو آذار ميران شاهہ.

پيارو خاص پرور جو، وصي پارس پيغمبر جو،
نظارو نور حيدر جو، نظر نروار ميران شاهہ.

نہ اڪئين سو ڏسي آنڌي، تئي جو پير جو پانڌي،
ڇڏائي بند مان باندي، مٺو مختيار ميران شاهہ.

حسيني سر مٿس سهرو، نيارو نامور نهرو،
سين پيرن ۾ آ پڌرو، پرين پڳدار ميران شاهہ.

هتي هتڙي حراست ۾ ، حمايت ۾ هلاڪت ۾،
ڪندو واهر قيامت ۾، ملهي منهندار ميران شاهہ.

ڪنبي سينو ڪفارن جو، سڻي آواز نعرن جو،
خدائي خاڪسارن جو، سپهہ سالار ميران شاهہ.

ڏمالي شاهہ جا موريل، موالي مير ڪي پرتل،
ڪري "بدوي" سنديَ هل يل، سچو سردار ميران شاهہ.

---

* ميرڻ شاهہ: وڏو بزرگ، راڳ ويراڳ جو متوالو، اردوءَ جو تمام سٺو شاعر ٿي رهيوءآهي. فقير سائين مسرور جي بياض ۾ سندس ڪجهہ منقبتون لکيل آهن. جن ۾ سندس نالو ميرڻ شاهہ سبزواري ڏنل آهي. هن بزرگ جي مزار سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڪاليج جي پويان. سکر ويندڙ روڊ تي آهي. فقير سائين مسرور پنهنجي فقراءِ سان گڏجي سندس درگاهہ تي چونڪيون ڏيندو هو(2) موريل=فقير سائين مسرور جو دوست.

سامي چيئن راءِ شڪارپور

ست سنت ساڌو پرش سامي (1) مرد مٽيا دار هو،
قرين قرارو قرب جو ڪانڪي (2)، ڪلنگي دار هو.

ڏنوان آتم ڏن سندي جو شاهہ شاهوڪار هو،
هٽ حاج ۾ دل يار ڏي، هن وير جو واپار هو.

هر پيد جي مايا جو مانجهي، هي پريو پندار هو،
سچ صوفين جي سلڪ ۾ صوفي سچو سالار هو.

سن عيسوي ارڙهين صدي پنجاهہ جو پرچار هو،
سؤ ست ورهہ جيوت پڇاڻان پار هن هسوار هو.

ديهي (3) سبب داسي چوڻ ڪان ڪيس نا انڪار هو،
پر آتما ڪان تان انا الحق جو سندس اقرار هو.

"مسرور" منهنجو ان سمي ۾ وير سان وهنوار هو،
پورن (4) بہ ات پر لوڪ ۾ ڀهڳڻ مٿان ٻلهار هو.

---

* سامي: ڀائي چين راءِ لنڊ، 1730 عيسوي ۾ ٻچو مل جي گهر ۾ پيد ائيو ۽ هڪ سؤ ويهہ ورهين جي ڄمار ۾ 1750ع ۾ هي جهان ڇڏيائين. سنڌي ٻوليءَ ۽ ويدانت جو تمام وڏو شاعر هو. سندس نسبت سان شڪارپور ۾ "سامي شير" محلو بہ آهي.

(1) پرش=آدمي (ساڌو پرش=درويش، پرهيزگار شخص)

(2) ڪانڪي=سڌائتو، خواهشمند، (3) ديهي= انساني جامو. (4) پورن=پورائو ڪندڙ، رزاق.

ڀڳت ڪنور رام سنت

هن سمي ست پرش صوفي سنت ڪنور رام هو،
نوجوان نهنو سخي سو گلبدن گلفام هو.

از خدا ويدانتي، ورثو تنهين انعام هو،
نات نيهي دک ڀڃن سو تان ڇائيندي ڄام هو.

مک وڃان ان جي مٿان ڀلهار خاص و عام هو،
ڪنث رس سبيان تنهين جو ناميارو نام هو.

وهہ عجب ڪنديءَ جيان، ڪنيل ڪنن جو دام هو،
الف قد جي هر دو پهلوءَ ڪان لڪيل ڄڻ لام هو.

سر چٽي چيري سان پٽرو، وير سو وريام هو،
پاڻ ئي پهلاد ارجن پاڻ ئي سو شيام هو.

ڪُوڄ جو ڪيچِيءَ ڪنان پهتل وٽس پيغام هو،
سر ڏيڻ جو يي ائين اصلي سندس انجام هو.

هو وٽي مڪتي ويو پر عام ۾ ماتام هو،
موج ۾ ”مسرور“ هو ملزوم تي الزام هو.

ڀڳت ڪنور رام :اصل ڏهرڪيءَ جو وينل هو. سنڌ جي ڀڳتن جو سرموڙ هو.
ندو مسلم جو خير گهرندڙ هو، سوزگداز سان ڳائيندو هو، نزاڪت سان نچندو
و، سندس ڪيترائي ڳايل ڪلام اڄ بہ سنڌ ۾ مشهور آهن.12 جنوري 1939ع
ي رڪ اسٽيشن تي ريل ۾ ڪيس بندوق هٽي ماريو ويو.

سنت ڪلهورام

سري سا پرش ست ڪلهورام سوامي،
ستوگن سمندر جو گوهر گرامي.

ڏياني اٿل تل، گياني اچل چل،
اجل جل امل مل، اول ول ايامي.

رکي دم درازي، سرئون سر جي بازي،
حقيقي مجازي، ڪيو طئي تمامي.

جسمي جم ڪان تارڪ، لکي لال لاشڪ،
سدا سرو وياپڪ، بهر جا مقامي.

بقا جي بحر ۾، لڙهي لس لهر ۾،
ڇڏي ديهه ڇر ۾، مڪت ٿيو مدامي.

لکيسر جو ايسر، چوي ڪهڙو چرتر،
پسي جوت جوهر ٿيو جڳ سلامي.

هندي

من مندر کا ہوں شیوا دھاری، جس میں ہویا براجی،

آکر گوکل سے گردھاری.

اس مندر کی ہے اکھٹ کہانی، جانے کوئی دیکھے دھیانی،

دو نین سے نرانکاری.

ہرپنڈ اس کا مندر دیرا، ھم میں پرگھٹ کیول میرا،

کرے "ھر" کی کون شماری .

"ہر" کی موہن مورت دیکھی، سندر یہ ست صورت دیکھی،

اک سے دوجی نیاری.

پریم سے پایا پریم کا مندر، پریم ہے ساکھی پریم ہے گردھر،

پریم کا ہوں پوجاری.

گردھر اچرج کھیل کھلایا، داتا سے بن داسی آیا،

ہویا آپ بھکھاری.

آپے ساکھی آپے ساکھیا، آپے آگی آپے آگیا،

آپے آگیاکاری.

سورج "بیدل" سگر میرا، "غلام علی" من قطرہ میرا،

سگر کی بلہاری.

رسن واني

آج سکھی گھر میرے سادھو، سنت سری جن آیا.

نام نرنجن بیکھ بیراگی صورت سانگ بنایا،
ہاتھ میں منڈل گل میں کفنی، ماتھے تلک لگایا.

آون سون اس سادھو کے، پانچ منترنس جایا،
پانچ گیے تو لاکھ پدھارے، ہویا بھاگ سوایا.

جوت جگی رس رام لیا، گردیو نے درس دکھایا،
سات جنم کی سرت پڑی، من سمجھیں سمجھ سجایا.

پیر محمد، کان کنیہ، میرے کیول بھول بھلایا،
دیکھا ایک براجی پھر کر، لاکھ چوراسی کایا.

"غلام علی" گرساکھی "بیدل" برہم کانھد بنایا،
چیت من اندر ایک اور پس سرو ریا پک پایا

رسن واني

بٹھاکر سامنے اپنے 'یوں ہی ست گر نے سمجھایا'
کلي انتر کا، کرپا سے، مجھی کو بھید بتلایا.

اول میں مردہ دل میری کو اس خواب غفلت سے،
جگاکر پربھ پیارے کے، بھجن سے دل کو بھرمایا.

جسی کے ھم ملن خاطر، شہر بندر بھٹکتا تھا،
سگل صورت وو ساجن کی، اندر ہی دل میں دکھلایا.

جوئی ساجن وو ہی سگر، نہیں کچھ فرق دونوں میں،
جلوہ جوت ذاتی کا، نظر میں ایک ہی آیا.

سمایا ھر سمت ساجن، ہری ہر چیز کی اندر،
جدھر دیکھوں تو "مسرورا"، اسی کی ذات کو پایا.

فارسي

دلربا بر در شما، من آمده ام – آمده ام،
دست بسته بے سر وپا، ایستاده ام – ایستاده ام.

با ادب با صد نیاز، گردن خود از مدت،
بر در تو مه لقا، بنهاده ام – بنهاده ام.

نا جواب و با ثواب کردی عطا مارا صنم،
صد نوشته دل کشه، فرستاده ام – فرستاده ام.

چشم خود را شاه خوبان من طرف قصر شما،
از برائے دیدنی ها، بگشاده ام – بگشاده ام.

وائے من "مسرور" دل رنجور از مدت مدید،
بر درت "بیدل" شها، افتاده ام – افتاده ام.

ميان غلام علي مسرور فقير بدوي

ولادت پهرين جولاءِ [illegible]ع - وصال ايڪيهين آگسٽ [illegible]ع

● "مسرور فقير" تصوف جي طريقي جس نقيب هو، سندس گفتگو مان قرآن ۽ حديث جا جواهر پارا نظر ايندا هئا.

پروفيسر لطف الله بدوي

● "فقير صاحب" جو دنيا ڏي گهڻو لاڙ ڪو نه هو، وڏيءَ لڪ جو صاحب هو. تمام ترب دار هو، سنگت جو سڏ هو.

جوڳي فقير پرسرام هيسائي بسٽي

● "فقير مسرور" هر پهلوءَ کان نازڪ نفيس ۽ برڪت وارو هو. "مسرور" محبت جو مجسمو هو، سندس محبت مقناطيسي هئي، مروت ۽ فضيلت ته سندس ڏاج هئا.

پروفيسر جهامنداس ڀاٽيا

● اسان جو محترم دوست "ميان غلام علي مسرور" لعل ڪوٽ شاعرن مان آهي جنهن جو هر هڪ شعر بقول مرزا ممدوح جي "شهد و نبات" کان بيشڪ مٺو آهي.

حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي

● "مسرور" ۽ "مسرور جي شاعري" هن وقت تعريف جا محتاج ڪين آهن، واقعي ئي نظم جي سلاست ۽ لفظن جي سادگي "مسرور" جي ڪلام جا خانه زاد غلام آهن.

آغا صوفي

● موت سان ملاقي گهڻو پوءِ ٿيس، پر ان کان اڳ هن دورنگي دنيا کان ڌار ٿي جنهن خاص مقام ۾ داخل ٿي چڪو هو، گهڻو ڪري ته هتي جهان جي بازي کٽي ويو.

پير حسام الدين راشدي

● مون کي هن جون اکيون ياد اچي رهيون آهن جن کي ڏسي مون هڪ گيت "اکيون اڌل جون پرين مشالان" جهونگاريو هو. هو هڪڙو اعليٰ ۽ تمام عاليشان انسان هوندو هو، نوڪري ته معمولي سپروائيزنگ ٽيچر جي هئس پر انسان جي حيثيت ۾ وڏي ليول جو ماڻهو هو.

شيخ اياز

● "مسرور" هڪ روايتي شاعر نه آهي پر ستاريءَ کي اصل کان عطا ٿيل وڏائي جو حصو هن کي به حاصل آهي. ان جي شاعري ۾ رنگ عاشقي ۽ تصوف جو واهه جو آهي.

چيتنمل پرسرام